REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اربع 20 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 06 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 204

اليڪشن ڪميشن نگران وزيراعظم جي صلاحڪار احد چيمه کي عهدي تان هٽائڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن نگران وزيراعظم جي صلاحڪار احد چيمه کي عهدي تان هٽائڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن ڪابينه ڊويزن جي سيڪريٽري کي احد چيمه کي صلاحڪار جي عهدي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڀٽو جا قاتل هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جا جج هئا: بلاول ڀٽو

اڄ کان پوءِ ڪير به وزيراعظم بڻجندو ته ان سان اهڙو سلوڪ نه ڪيو ويندو

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ اسان جون 2 مظلوم متاثر نسلون انصاف گهرڻ جي لاءِ اينديون رهيون آهن

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سميت سمورن جج صاحبان جو ٿورائتو آهيان جو آصف زرداري جي 12 سال اڳ امائيل ريفرنس تي ٻڌڻي ٿي رهي آهي

اسان عدالتن مان اميد رکون ٿا ته ايترا سال گذرڻ کان پوءِ نه صرف قانون موجب غلطي کي صحيح ڪيو ويندو

تاريخ کي به صحيح ڪيو ويندو، ججز صاحب به پنهنجي ججز جي رت جا داغ ڌوئيندا

ڪجهه دير اڳ جڏهن اوهان نعرا لڳائي رهيا هو ته پنيان کان پي ٽي آءِ جا نعرا لڳا: پاڪستان جي آئين بڻجڻ جي 50 سالن جي تقريب کي خطاب

لاهور (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو چيو آهي ته ذوالفقار علي ڀٽو جا قاتل هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ جا جج هئا. اڄ کان پوءِ ڪير به وزيراعظم بڻجندو ته ان سان اهڙو سلوڪ نه ڪيو ويندو، لاهور هاءِ ڪورٽ جي جاويد اقبال آڊيٽوريم ۾ پاڪستان جي آئين بڻجڻ جي 50 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

لاهور: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جي آئين بڻجڻ جي 50 سالن جي تقريب کي خطاب ڪندي

پاڪستان بار ڪائونسل موجوده چيف اليڪشن ڪمشنر تي اعتراض واري ڇڏيا

اسلام آباد (م د) پاڪستان بار ڪائونسل موجوده چيف اليڪشن ڪمشنر تي اعتراض واري ڇڏيا آهن پاڪستان بار ڪائونسل طرفان جاري ڪيل پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته موجوده چيف اليڪشن ڪمشنر جي نگراني هيٺ شفاف چونڊون نٿيون ٿي سگهن. چيف اليڪشن ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

تڪ بنديون چيلينج ڪرڻ جي درخواست رد: ڪنهن کي به چونڊون دير جو شڪار ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين: سپريم ڪورٽ

وقتي چيف جسٽس سردار طارق مسعود جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ بلوچستان جي تڪ پي پي 12 ۾ تڪ بندي بابت نظرثاني درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

عام چونڊن جي تاريخ اچڻ سان ملڪ ۾ ٿورو گهڻو استحڪام آيو آهي ڇا اوهان ملڪ ۾ استحڪام نٿا چاهيو؟: چيف جسٽس جو درخواستگذار کان پڇاڻو

چونڊ تڪ بندي بابت غلط فيصلو ڪيو ويو (درخواستگذار جو وڪيل) چونڊ پروگرام جاري ٿي چڪو آهي هاڻ ڪجهه نٿو ٿي سگهي: جسٽس منصور علي شاهه

اوهان چونڊون وقت تي نٿا چاهيو ته عدالت ۾ بيان ڏيو، چونڊن کي ڪنهن به صورت ۾ ملتوي ٿيڻ نه ڏينداسين

چونڊن ۾ ڪنهن به قسم جي دير نه ٿيڻ گهرجي نه ئي وري ڪنهن کي چونڊون دير جو شڪار ڪرڻ جي اجازت ڏينداسين: جسٽس اطهر من الله

چونڊ شيڊول جاري ٿيڻ کان پوءِ چونڊ تڪ بنديون تبديل نٿيون ٿي سگهن: عدالت تڪ بنديون چيلينج ڪرڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ بلوچستان ۾ تڪ بنديون چيلينج ڪرڻ جي درخواست رد ڪندي چيو آهي ته ڪنهن کي به چونڊون دير جو شڪار ڪرڻ جي اجازت نه ڏينداسين. وقتي چيف جسٽس سردار طارق مسعود جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ بلوچستان جي تڪ پي پي 12 ۾ تڪ بندي بابت نظرثاني درخواست تي ٻڌڻي ڪئي جنهن دوران وقتي چيف جسٽس درخواستگذار کان پڇاڻو ڪيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06



اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

آرمي چيف جنرل عاصم منير جي آمريڪي سينٽ ڪام جي ڪمانڊر سان ملاقات

جنرل عاصم منير آمريڪا جي دوري دوران آمريڪي سينٽ ڪام جي ڪمانڊر جنرل مائيڪل ايرڪ سان ملاقات ڪئي

ملاقات دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن خاص طور تي علائقائي سلامتي جي معاملن ۾ تعاون تي ڳالهيون ڪيون ويون

جنرل سيد عاصم منير ۽ ڪمانڊر جنرل مائيڪل ايرڪ گڏيل تربيت جي طريقن تي به ڳالهيون ڪيون

راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير آمريڪا جي دوري دوران آمريڪي سينٽ ڪام جي ڪمانڊر جنرل مائيڪل ايرڪ سان ملاقات ڪئي آهي. آءِ ايس پي آر موجب آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ (سينٽ ڪام) جي ڪمانڊر جنرل مائيڪل ايرڪ ڪوريلا سان فلوريڊا ۾ سينٽ ڪام جي هيڊ ڪوارٽرز جي دوري دوران ملاقات ڪئي. ملاقات دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير آمريڪي سينٽ ڪام جي ڪمانڊر سان ملاقات دوران بيٺل آهي

اليڪشن آئيني تقاضا آهي جيڪا اسين ڪرائي هليا وينداسين: نگران وزيراعظم

اليڪشن ڪميشن اليڪشن ڪرائيندي پر نتيجي بابت ڪجهه به نٿو چئي سگهجي

لسبيلا ۾ جامشورو جي مقابلي ۾ اٺ جاتل ماڻهو اليڪشن کٽي ته وڏي ڳالهه هوندي

بلوچستان ۾ اليڪشن جي حوالي سان هر حلقي بابت اڳڪٿي ڪري سگهجي ٿي

ڪوئيٽا (م د) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي ته چونڊون نه ڪرايون ها ته داغ لڳن ها. اليڪشن ڪرائينداسين ۽ اليڪشن ڪميشن اليڪشن ڪرائيندي پر نتيجي بابت ڪجهه به نٿو چئي سگهجي. ڪوئيٽا ۾ ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪوئيٽا: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اليڪشن ڪمشنر جي ضلعي ۾ ڪا به نئين سيٽ پيدا ناهي ڪئي: اليڪشن ڪميشن پاران بار ڪائونسل جي الزامن جي ترديد

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن پاڪستان بار ڪائونسل جي الزامن جي ترديد ڪري ڇڏي آهي. ترجمان پاران جاري ڪيل پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته چيف اليڪشن ڪمشنر جي ضلعي ۾ ڪا به نئين سيٽ پيدا نه ڪئي وئي آهي، چيف اليڪشن ڪمشنر جو اباڻو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

صنم جاويد جيل مان مريم نواز جي مقابلي ۾ چونڊون وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

صنم جاويد لاهور مان صوبائي اسيمبلي جي سيٽ پي پي 150 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندي: والد

صنم پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ مريم نواز جي مقابلي ۾ چونڊون وڙهندي

صنم جاويد جا نامزدگي ڪاغذ حاصل ڪندس هو پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي چونڊون وڙهندي

لاهور (م د) پي ٽي آءِ جي سوشل ميڊيا ايڪٽوسٽ صنم جاويد جيل مان مريم نواز جي مقابلي ۾ چونڊون وڙهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. صنم جاويد جي والد ٻڌايو ته صنم جاويد لاهور مان صوبائي اسيمبلي جي سيٽ پي پي 150 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي ٽي آءِ جي سوشل ميڊيا ايڪٽوسٽ صنم جاويد جيل ۽ مريم نواز

عمران خان سائفر ڪيس کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو

12 ڊسمبر تي ٽرائيل ڪورٽ سائفر ڪيس جي خلاف اسان جي درخواست کي رد ڪيو

ڪرمنل پروسيجر جي قلم 4(ايچ) ۾ به لفظ شڪايت کي واضح ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف جي باني عمران خان سائفر ڪيس کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو آهي عمران خان طرفان داخل ڪيل درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته 23 نومبر کان هينئر تائين جي ٽرائيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ملڪ ۾ گئس گهٽ آهي ۽ ڊيمانڊ وڌيڪ آهي: ترجمان اوگرا

معياري سلينڊر ۽ ايل پي جي ليڪيج حادثن جا سبب آهن

گئس سلينڊر کي تمام احتياط سان استعمال ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (م د) آئل اينڊ گئس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) جي ترجمان چيو آهي ته ملڪ ۾ گئس گهٽ آهي ۽ ڊيمانڊ وڌيڪ آهي. تنهن ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

آئين ٽٽي ٿو ته جج هار پارائيندا آهن، 75 سالن کان اهو تماشو ڏسي رهيا آهيون: نواز شريف

اسان آئين پاڻ ئي ٽوڙيون ٿا، پارليامينٽ ٽٽي ٿي ۽ وزيراعظم جيل وڃي ٿو ته چئون ٿا ته بلڪل ٺيڪ ٿيو آهي

پاڪستان کي هاڻوڪين حالتن تائين اسان ئي پهچايو آهي، اسان جي خلاف اهو سڀ ڪجهه ڀارت، آمريڪا يا افغانستان نه ڪيو آهي

2018 جي چونڊن ۾ انجنيئرنگ ڪئي وئي، سليڪٽڊ شخص کي 4 ووٽن جي برتري سان وزيراعظم بڻايو ويو

لاهور (م د) مسلم ليگ (ن) جي قائد ۽ اڳوڻي وزيراعظم ميان نواز شريف چيو آهي ته آئين ٽوڙيو وڃي ٿو ته جج هار پارائين ٿا، 75 سالن کان اهو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

لاهور: ن ليگ سربراهه ميان نواز شريف پارٽي جي اجلاس دوران خطاب ڪري رهيو آهي

ملڪ ۾ ڊالر جي ڀيٽ ۾ رپئي جو اڳهه وڌڻ جو سلسلو جاري

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ ڊالر جي ڀيٽ ۾ رپئي جو اڳهه وڌڻ جو سلسلو جاري آهي اسٽيٽ بئنڪ موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسٽيٽ بئنڪ جو ڊپٽي گورنر به جعلي نوٽ نه سڃاڻي سگهيو

سليم مانڊوي والا جي صدارت هيٺ ڪميٽي اجلاس ۾ 5 هزار رپين جا جعلي نوٽ پيش ڪيا ويا

مون کي به جعلي نوٽ ملي سگهي ٿو ته عام ماڻهو جو ڇا ٿيندو؟: سليم مانڊوي والا

اسلام آباد (م د) سينيٽ جي ٽاڻي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ 5 هزارن جا جعلي نوٽ پيش ڪيا ويا. جيڪي اسٽيٽ بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

نواز شريف سان رابطو نه ڪيو آهي، نه وري ضرورت آهي، عام چونڊن ۾ حصو نه وٺندس: شاهد خاقان عباسي

4 سالن کان ڪيس نيب ۾ پڌٽي هيٺ آهي، ان دوران هڪ به گواهه نه آيو ۽ ڪيس به نه هليو

4 سالن کان هڪ ميٽنگ اٽينڊ ڪرڻ لاءِ نيب جي عدالتن ۾ بيٺل آهيان

ڇا اڄ جي نيب چيئرمين کي اها به خبر نه آهي ته ماڻهن جون زندگيون تباهه ٿي رهيون آهن؟

اسلام آباد (م د) اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي چيو آهي ته 100 سيڪڙو پڪ آهي ته مان چونڊن ۾ حصو نه وٺندس. نوازشريف سان ڪو به رابطو نه ڪيو آهي نه وري ڪرڻ جي ضرورت آهي. احتساب عدالت اسلام آباد جي ٻاهران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: اڳوڻو وزيراعظم شاهد خاقان عباسي احتساب عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

بدين ۾ تعليم کاتي جي سنگين انتظامي لاپرواهي: درسي ڪتاب وڪرو ٿيڻ لاءِ ڪباڙي وٽ پهچي ويا

بدين (رپورٽر) بدين جي شهر گولاڙچي تعلقي ۾ تعليم کاتي جي سنگين انتظامي لاپرواهي سامهون اچي وئي آهي. تعليم کاتي پاران ڏنل درسي ڪتاب وڪرو ٿيڻ لاءِ رڪشي ۾ ڪباڙي جي دڪان تي پهچي ويا. رپورٽ موجب ڪراچي روڊ تي ڪباڙي جي دڪان تي بيٺل رڪشا جي جانچ ڪرڻ تي ڪٽن ۾ ڀريل سوين درسي نوان ڪتاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اليڪشن ڪميشن عام چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن لاءِ بنيادي اهليت جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا

قومي اسيمبلي جي سيٽ لاءِ اميدوار پاڪستان ۾ ڪنهن به جڳهه جو ووٽر هجي: اليڪشن ڪميشن

اميدوار جي اهليت ۽ نااهليت جا تفصيل آئين جي آرٽيڪل 62 ۽ 63 ۾ لکيل آهن

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن عام چونڊن ۾ حصو وٺندڙ اميدوارن جي لاءِ بنيادي اهليت جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا آهن اليڪشن ڪميشن موجب پارليامينٽ جو ميمبر بڻجڻ لاءِ اميدوار پاڪستان جو شهري هجي ۽ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اطلاعات، اقليتي معاملن واري نگران وزير سان پاڪستان ۾ مقرر عراقي سفارتڪار جي ملاقات

ٻنهي ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، واپار، ڪاروبار ۽ ثقافتي ناتن تي ڳالهيون ڪيون ويون

پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ زائرين لاءِ سامونڊي سفري سهولت جي تجويز تي پڻ غور ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) اطلاعات، اقليتي معاملن ۽ سماجي تحفظ واري نگران وزير محمد احمد شاهه سان پاڪستان ۾ مقرر عراقي سفارتڪار جي ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

2023 ملڪي معيشت لاءِ سٺو نه رهيو: واپاري برادري ايندڙ سال کي بهتر قرار ڏئي ڇڏيو

2023 جي دوران مهانگائي عروج تي رهي، بجلي ۽ گيس جون قيمتون وڌڻ سان پيداواري لاڳت به وڌي وئي

22 سيڪڙو وياج جي شرح ڊالر جي قيمت 300 جي لڳ ڀڳ رهڻ کان علاوه ايل سيز به نه کلڻ سبب ڪاروبار ٻڏتر جو شڪار رهيو

سال جي مختلف حصن ۾ ان جي لاءِ ڪاروبار ڪرڻ مشڪل ٿي ويو هو جو رڪارڊ مهانگائي سبب شين جو وڪرو ٺپ ٿي ويو هو: ڪاروباري طبقو

اسلام آباد (م د) سال 2023 ملڪ جي معيشت لاءِ سٺو نه رهيو ڊالر، بجلي، گيس ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ رڪارڊ اضافي عام ماڻهو ۽ ڪاروباري واپاري برادري جا هوش اڏائي ڇڏيا. هاڻ سال جي آخر ۾ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

حليم عادل شيخ وڌيڪ 3 ڪيسن ۾ گرفتار

حليم عادل شيخ کي فيروز آباد ٿاڻي ۾ 2022 جي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو

ملير سٽي ٿاڻي ۽ نيو ٽائون ٿاڻي ۾ داخل ڪيسن ۾ ڪيس گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (م د) پوليس تحريڪ انصاف اڳواڻ حليم عادل شيخ کي وڌيڪ 3 ڪيسن ۾ گرفتار ڪري ورتو حليم عادل شيخ کي فيروز آباد ٿاڻي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

نيب عمران خان ۽ بشريٰ بي بي خلاف توشه خانه ريفرنس داخل ڪري ڇڏيو

نيب پراسيڪيوٽر سهيل عارف جاچ آفيسرن سان گڏ توشه خانه ريفرنس داخل ڪيو: ذريعا

احتساب عدالت جي رجسٽرار آفيس نيب طرفان داخل ڪيل توشه خانه ريفرنس جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

اسلام آباد (م د) قومي احتساب بيورو (نيب) اڳوڻي وزيراعظم ۽ اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان ۽ سندس گهر واري بشريٰ بي بي جي خلاف توشه خانه ريفرنس داخل ڪري ڇڏيو آهي ذريعن موجب نيب توشه خانه ريفرنس احتساب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ کي گيس جو جائز حصو ڏنو وڃي: وڏي وزير جو وزيراعظم کان مطالبو

سنڌ سمورن صنعتي زونن ۾ گئس جي شديد کوٽ کي منهن ڏئي رهي آهي

گئس استعمال ڪرڻ جو پهريون حق سندس صوبي جو آهي

ڪراچي (م د) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کان مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ کي آئين جي آرٽيڪل / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سينئر قانوندان حامد خان ملٽري ڪورٽس ۾ سويلين جي ٽرائل کي غير آئيني قرار ڏئي ڇڏيو

ملٽري ڪورٽس غير قانوني ۽ غير آئيني آهن: حامد خان

نگران حڪومت کي ڪو به حق نه آهي ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي خلاف اپيل داخل ڪري

سپريم ڪورٽ جو ملٽري ڪورٽس خلاف ڏنل پهريون فيصلو بالڪل صحيح هو

لاهور (م د) سينئر قانوندان حامد خان هڪ دفعو ٻيهر ملٽري ڪورٽس ۾ سويلين جي ٽرائل کي غيرقانوني قرار ڏيندي ملٽري ڪورٽس کي به غير آئيني قرار ڏئي ڇڏيو لاهور هاءِ ڪورٽ بار ۽ لاهور بار ايسوسيئيشن جي عهديدارن سان پريس ڪانفرنس ۾ سينئر قانوندان ۽ پي ٽي آءِ اڳواڻ حامد خان چيو ته ملٽري ڪورٽس غير قانوني ۽ غير آئيني آهن انهي ڪورٽس جي ڀرزور مذمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

دنيا جو ٻيو نمبر ڊگهو شخص نصير سومرو بيمار، مدد جي اپيل

طبعيت ڏکي وقت کان خراب آهي: نصير سومرو

اميد آهي ته سنڌس سار لڌي وڃي ته هو بچي سگهي ٿو

ڪراچي (م د) ورلڊ گنيز بڪ ريڪارڊ رکندڙ اٺ فٽ هڪ انچ قد جو مالڪ دنيا جو ٻيو نمبر ڊگهو شخص نصير سومرو اسپتال ۾ داخل آهي. سنڌ سميت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

لڳي ٿو ته مخلوط حڪومت قائم ٿيندي: فاروق ايڇ نائيڪ

وقت ٻڌائيندو ته اها ڪير هوندي، جڏهن باڪس کوليا ويندا ته خبر پوندي ته ڪهڙي پارٽي کي وڌيڪ ووٽ ۽ سيٽون مليون آهن

چونڊون 8 فيبروري تي ٿينديون، جيڪا ملڪ، جمهوريت، عوام، سمورين سياسي پارٽين جي بهتري آهي

ايندڙ وزيراعظم ملڪ جي بقا، جمهوريت ۽ عوام لاءِ ڪم ڪندو ته پوءِ ڪيس ڪير هٽ به نه لڳائي سگهندو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پ پ جي وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ چيو آهي ته لڳي ٿو ته اتحادي حڪومت ٺاهي ويندي، وقت ٻڌائيندو ته اها ڪير هوندي، جڏهن باڪس کوليا ويندا ته خبر پوندي ته ڪهڙي پارٽي کي وڌيڪ ووٽ ۽ سيٽون مليون آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي فاروق ايڇ نائيڪ چيو ته چونڊون 8 فيبروري تي ٿينديون، جيڪا ملڪ، جمهوريت، عوام، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسان کي بيٽ جو چونڊ نشان ملڻ گهرجي: پي ٽي آءِ چيئرمين

خان صاحب جي پارٽي ڪا عام پارٽي ناهي، آئين موجب شفاف انٽرا پارٽي چونڊون ڪرايون ويون آهن: بئريسٽر گوهر

انٽرا پارٽي اليڪشن ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن جو جواب نه آيو آهي، عدالت جواب جي ڪاپي طلب ڪري ورتي آهي

اسان کي عدليه مان اميد آهي، ته 6 مهينن کان بٽ جي چونڊ نشان لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون

پشاور (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر علي خان چيو آهي ته اسان کي بيٽ جو چونڊ نشان ڏيڻ گهرجي، پشاور ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر علي خان ميڊيا سان ڳالهائيندي

پاڪستان ۾ شفاف چونڊن جي حمايت جاري رهندي: آمريڪا

پاڪستان جي ڪنهن به سياسي پارٽي تي ڪو به موقف نه ٿا رکون

پاڪستاني عوام جي چونڊيل اڳواڻن سان ڳالهيون ڪري رهيو آهيان

واشنگٽن (م د) آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان ميٿيو ملر چيو آهي ته هو پاڪستان ۾ آزاد ۽ شفاف چونڊن جي حمايت جاري رکندا. ان حوالي سان به طرفي ڳالهيون جاري آهن. واشنگٽن ۾ پريس بريفنگ دوران ميٿيو ملر چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

نواز شريف ٽڪيٽ تي جهيڙو ڪندڙ پيءُ پٽ ۾ ناهه ڪرائي ڇڏيو

ميان محمد فاروق ۽ سندس پٽ معظم فاروق ۾ ٽڪيٽ تي ويڙهه ٿي

پنهنجي پيءُ کان معذرت ڪيو ۽ ان جا پير پڪڙيو: نواز شريف

لاهور (م د) ن ليگ قائد نواز شريف ٽڪيٽ تي جهيڙو ڪندڙ پيءُ پٽ ۾ ناهه ڪرائي ڇڏيو ن ليگ طرفان عام چونڊن لاءِ ٽڪيٽ وٺندڙ اميدوارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

چين ۾ زلزلو، 116 ڄڻا فوت

گانسو ۽ چنگهائي صوبن ۾ زلزلو آيو زلزلي جي گهرائي 35 ڪلوميٽر هئي

ريسڪيو اهلڪارن پاران ملبي هيٺان دٻيل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ ڪوششون جاري

بيجنگ (م د) چين جي اتر اولهه ۾ زلزلي سبب فوتين جو انگ وڌي 116 ٿي ويو آهي. چيني ميڊيا موجب ريسڪيو اهلڪارن پاران ملبي هيٺان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد: وزيراعظم جو خاص صلاحڪار حافظ طاهر محمود اشرفي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڊي ايس پي عمير باجاري خلاف جاچ اولهه ضلعي منتقل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اورنگي ٽائون ۾ واپاري جي گهر مان ڦر واري معاملي ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ اورنگي ٽائون ۾ واپاري جي گهر سان ڦر واري معاملي جي ٻڌڻي ٿي، گرفتار ڊي ايس پي عمير طارق باجاري خلاف جاچ منتقلي ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي، عدالت ڊي ايس پي عمير طارق باجاري، خلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير فواد حسن فواد سان پرڏيهي سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جي فرنيچر جي خريداري ۾ بي قاعدگين جو انڪشاف

حڪومت گذريل 3 سالن ۾ فرنيچر جي خريداري جي جاچ شروع ڪري ڇڏي

سرڪاري اسڪولن لاءِ هڪ ارب 84 ڪروڙ 78 لک 54 هزار رپين جو فرنيچر خريد ڪيو ويو

ڪراچي (م د) سنڌ جي سرڪاري اسڪولن جي فرنيچر جي خريداري ۾ بي قاعدگين جو انڪشاف ٿيو آهي، حڪومت گذريل 3 سالن ۾ فرنيچر جي خريداري جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي، جنهن لاءِ اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي سربراهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪنهن سياسي جماعت سان دلچسپي ناهي، ڪو الزام هٽي ته پرواهه ناهي: پشاور هاءِ ڪورٽ

ٿري ايم پي او آرڊر واپس نه ورتا ويا ته ڊي سي خلاف ڪارروائي ڪنداسين

ڪنهن کي بچائڻ يا ڦاسائڻ لاءِ سوال نه پيا ڪيون پر سڀ ڪجهه رڳو آئين ۽ قانون جي پاسداري لاءِ ڪري رهيا آهيون

ڊي سي سان ڳالهائي آگاهه ڪيو ته هو اسد قيصر خلاف ٿري ايم پي او واپس وٺي

پشاور (م د) پشاور هاءِ ڪورٽ ريمارڪس ڏنا آهن ته ڪنهن جي به الزامن جي پرواهه ناهي، چوته ڪنهن سياسي پارٽي سان ڪا دلچسپي ناهي، ٿري ايم پي او آرڊر واپس نه ورتا ويا ته ڊي سي خلاف ڪارروائي ڪنداسين. پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

گدو ۾ ڌماڪو، هڪ ڄڻو اجل جو شڪار، پورهيت زخمي

گدو جي مين بازار ۾ مرغي ۽ ڪباڙ جي دڪان ۾ ڌماڪي ۾ هڪ ڄڻو اجل جو شڪار ٿي ويو

ڪباڙ ڪيڏڻ دوران ڌماڪي ۾ دڪان مالڪ امان الله پٺاڻ اجل جو شڪار ٿي ويو

پورهيت عبدالله سولنگي زخمي ٿي پيو، گدو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي دڪان کي سيل ڪري ڇڏيو

گدو (م د) گدو ۾ مرغي ۽ ڪباڙ جي دڪان ۾ ڌماڪو ٿيو هڪ ڄڻو اجل جو شڪار ٿي ويو. پورهيت زخمي ٿي پيو. گدو جي مين بازار ۾ مرغي ۽ ڪباڙ جي دڪان ۾ ڌماڪي ۾ هڪ ڄڻو اجل جو شڪار ٿي ويو ۽ هڪ پورهيت زخمي ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ٽنڊو محمد پرسان ميينا بدفعلي بعد گھٽا ڏئي قتل ڪرڻ وارو مامرو، مک جوابدار گرفتار

ڳوٺ بجر ٽالپور جي رهواسي 15 ورهين جي نينگر جنيد خاصخيلي کي گذريل ڏينهن بدفعلي بعد گھٽا ڏئي قتل ڪيو ويو

ڊي آءِ جي حيدرآباد پاران واقعي جو نوٽيس وٺندي جوابدارن کي جلدي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو

قتل ۾ ملوث جوابدار سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي، واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي : پوليس

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر)ٽنڊو محمد خان پرسان ڳوٺ بجر ٽالپور ۾ گذريل ڏينهن 15 ورهين جي نينگر جنيد خاصخيلي سان ميينا بدفعلي بعد گھٽا ڏئي قتل ڪري جهنگ ۾ لاش کي اڇلائڻ واري واقعي جو مک جوابدار محبوب خاصخيلي کي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو محمد خان : گرفتار ڪيل جوابدار حراست ۾ بيٺل آهي

سنڌ مان افغانين کي نيڪالي ڏيڻ خلاف شيما ڪرماڻي جي پٽيشن سنڌ هائي ڪورٽ خارج ڪري ڇڏي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ مان افغانين کي نيڪالي ڏيڻ خلاف شيما ڪرماڻي جي پٽيشن سنڌ هائي ڪورٽ خارج ڪري ڇڏي، قومپرست اڳواڻ ممتاز بروهي سنڌ طرفان ڌر ۾ پيش ٿيو تفصيل موجب ڪراچي سنڌ هائي ڪورٽ ۾ آئيني درخواست 5432 شيما ڪرماڻي طرفان داخل ڪيل ته سنڌ مان افغانين کي نه ڪڍيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

حيدرآباد کان ڄامشورو سنڌ يونيورسٽي موٽر سائيڪل تي ويندڙ شاگرد حادثي ۾ فوت

يونيورسٽي موٽر سائيڪل تي ويندڙ هڪ نوجوان شاگرد جو رڪشي سان ٽڪر نوجوان ٿڏي تي فوت ٿي ويو

ڄامشورو ويندڙ سجاد علي جان 24 سال عمر رهندڙ لاڙڪانا رڪشي سان ٽڪر ٿيندي فوت ٿي ويو

ڄامشورو(رپورٽر)ڄامشورو افسوس ناڪ خبر، حيدرآباد کان ڄامشورو سنڌ يونيورسٽي موٽر سائيڪل تي ويندڙ هڪ نوجوان شاگرد جو رڪشي سان ٽڪر نوجوان ٿڏي تي فوت ٿي ويو، ڄامشورو ويندڙ سجاد علي جان 24 سال عمر رهندڙ لاڙڪانا رڪشي سان ٽڪر ٿيندي فوت ٿي ويو اسپتال شخص کڻي لمس اسپتال پهتس، سجاد علي آءِ آر ڊپارٽمينٽ جو شاگرد ٻڌايو پيو وڃي.

نوشهروفيروز پرسان مٽياڻي ٻيلي ۾ آپريشن، قبضا ختم

عملدارن ٽريڪٽر ذريعي زمينن ۾ پوکيل فصل ڀيلائي زمينون سرڪاري تحويل ۾ وٺي ڇڏيون

سپريم ڪورٽ جي حڪم تي اسان جو مرحليوار آپريشن آڪٽوبر مهيني کان شروع آهي : ڊي ايف او

ٻيلي ڪاتي جي زمينن مٿان بااثرن پاران جتي به قبضا ڪيل آهن اهي ختم ڪرايا ويندا

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ)سپريم ڪورٽ جي حڪم تحت سنڌ جي ٻيلي ڪاتي جون زمينون قبضا مافيا کان خالي ڪرائڻ واري حڪمن بعد ڊي ايف او نوشهروفيروز عابد علي رند، آر ايف او محمد جمن تگر، اينٽي انڪروچمنٽ عملدارن ۽ مختلف ٿاڻن جي پوليس سان ڪري هڪ دفعو ٻيهر مٽياڻي ٻيلي ۾ آپريشن ڪيو مٽياڻي ٻيلي جي جوکڙي ويهه، ايڪڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: ٻيلي ڪاتي پاران غيرقانوني قبضن خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

شهدادڪوٽ ۾ ٻن الڳ روڊ حادثن ۾ 3 ڄڻا زخمي هڪ جي حالت ڳڻتي جوڳي، لاڙڪاڻي اسپتال منتقل

شهداد ڪوٽ(ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ ٻن الڳ روڊ حادثن ۾ 3 ڄڻا زخمي هڪ جي حالت ڳڻتي جوڳي، لاڙڪاڻي اسپتال منتقل. شهدادڪوٽ ويجهو ڳڙهي خيرو روڊ تي موٽرسائيڪل ۽ ڊاٽسن ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو عامر علي چانڊيو سخت زخمي ٿي پيو، جنهن کي تعلقه اسپتال آندو ويو جتي فرسٽ ايڊ ڏيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڀرپور طريقي سان اليڪشن وڙهڻ جي تياري ڪري ورتي آهي : شاهد حسين سولنگي

صوبائي اسيمبلي تڪ 80 دادو تي اميدوار شاهد حسين سولنگي ۽ قومي اسيمبلي 228 دادو جوهي تي ايڊووڪيٽ عبدالمجيد جهواڻ کي ٽڪيٽ ڏني وئي

ڊپٽي ڪنوينر ڊاڪٽر فاروق ستار، سينئر ڊپٽي ڪنوينر مصطفيٰ ڪمال، ڊپٽي ڪنوينر انيس قائمخاني، دادو زون انچارج بابر ۽ ٻين جا شڪر گذار آهيون

سمورين برادرين سميت دادو جي عوام جو ساٿ ۽ تعاون رهيو ته دادو مان ايم ڪيو ايم جي ايم پي اي ۽ ايم اين اي جي سيٽون کٽي عوام جي خدمت ڪنداسين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي)متحده قومي موومنٽ پاڪستان پاران صوبائي اسيمبلي تڪ 80 دادو تي اميدوار شاهد حسين سولنگي ۽ قومي اسيمبلي 228 دادو جوهي تي ايڊووڪيٽ عبدالمجيد جهواڻ کي ٽڪيٽ ڏني وئي، نمائندن چيو ته پنهنجي پوري قيادت برادرين ۽ دادو جي عوام تي اعتماد ڪندي ڀرپور طريقي سان اليڪشن لڙڻ جي تياري ڪري ورتي آهي، متحده /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بدين ۾ يوريا ڀاڻ اڻلڀ، چيٽي فصلن کي وڏو نقصان، آبادگار پريشان

ڪجهه ڏينهن اڳ بدين انتظاميا پاران ڊيلر جي دڪان تي لڳندڙ ڇاپي بعد، دڪان سيل ڪيو ويو

تاجر اتحاد جي صدر ۽ فرٽيلائزر ايسوسيئيشن پاران پريس ڪانفرنس ڪئي وئي

ڊيلرن کي ڪمپني پاران ڀاڻ ملي رهيو آهي جيڪو ملي ڀڳت ڪري بليڪ مارڪيٽنگ ڪئي ٿي وڃي : آبادگار

بدين(ڊ ر)بدين ۾ يوريا ڀاڻ اڻلڀ، چيٽي فصلن کي وڏو نقصان، آبادگار پريشان حال بدين ڪجهه ڏينهن اڳ بدين انتظاميا پاران ڊيلر جي دڪان تي لڳندڙ ڇاپي بعد، دڪان سيل ڪيو ويو، جنهن ڪانهي، تاجر اتحاد جي صدر ۽ فرٽيلائزر ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

بدين : واپاري اڳواڻ ۽ آبادگار پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سکر جي سينٽ ميري اسڪول ۾ ڪرسمس تقريب ٿي گذري

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ)سکر جي سينٽ ميري اسڪول ۾ ڪرسمس تقريب ٿي، جنهن ۾ سکر جي عيسائي برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته تقريب ۾ ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه، هندو پنچائت سکر جي مکي ايشور لعل ۽ ٻيا به شريڪ ٿيا، ان موقعي تي ڪرسمس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر ۾ مبينا غير معياري ڪير وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي

سنڌ فوڊ اٿارٽي ٽيم گهوٽڪي پاس وٽ ڪارروائي ڪري ٻه دڪان سيل ڪري ڇڏيا

غير معياري کاڌي پيتي جون شيون وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي : عملدار

واپارين ۽ دڪاندارن کي صلاح ڏني آهي ته اهي شين کي وڪرو ڪرڻ جا لائسنس ضرور وٺن

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي سنڌ فوڊ اٿارٽي ٽيم گهوٽڪي پاس وٽ مبينا غير معياري ڪير وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري ٻه دڪان سيل ڪري ڇڏيا، هڪ لک رپيا ڏنڊ پڻ لڳايو ويو، خبرموجب سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڊائريڪٽر نذير چاچڙ جي اڳوائي ۾ گهوٽڪي بائي پاس ويجهو ڪير ۽ مٺائي جي دڪانن تي پهچي کاڌ خوراڪ وارين شين جي چڪاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گولاڙچي ۾ تعليم دشمني جي انتها درسي ڪتاب ٻارن کي ڏيڻ بدران وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش

ڪراچي روڊ تي ڪٻاڙي جي دڪان تي بيٺل رڪشا جي جانچ ڪرڻ تي ڪٽن ۾ ڀريل سوين درسي نوان ڪتاب مليا : ذريعا

اڳواڻن درسي ڪتاب پنهنجي تحويل ۾ وٺي ٽي او آفيس گولاڙچي ڪٺائي ويو، ڪٻاڙي جي دڪان مالڪ ميگهو مل ڀڄا ڳاڇا ڪئي

مون وٽ رسالا ڳتا آهن پر مون خريد نه ڪيا هئا ايتري ۾ توهان اچي ويا، رڪشا وارو ڪتاب ڇڏي فرار ٿي ويو : دڪاندار

گولاڙچي(رپورٽر) گولاڙچي تعلقي ۾ تعليم ڪاتي جي سنگين انتظامي لاپرواهي سبب نوان درسي ڪتاب وڪرو ٿيڻ لاءِ رڪشي ذريعي ڪٻاڙي جي دڪان تي پهچي ويا، ذريعن کان مليل اطلاعن تي ڪراچي روڊ تي ڪٻاڙي جي دڪان تي بيٺل رڪشا جي جانچ ڪرڻ تي ڪٽن ۾ ڀريل سوين درسي نوان ڪتاب جنهن ۾ پرائمري کان وٺي ڏهين درجي جا نوان ڪتاب ڏسڻ ۾ آيا. ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

گولاڙچي : ڪامورن جي نااهلي سبب ڪتاب ڪٻاڙي وٽ پيل آهن

ڪراچي ناردرن بائي پاس گلشن سيد ڳوٺ ۾ گرم ڪپڙا ۽ چپل ۽ دوائون تقسيم

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي ناردرن بائي پاس گلشن سيد ڳوٺ ۾ سيد احمد شاهه پاران گرم ڪپڙا ۽ چپل ۽ دوائون پڻ تقسيم ڪيا ويا. گلشن سيد ڳوٺ جو سرپرست اعلا سيد احمد شاهه ستائي پاران سوين متاثر خاندانن ۾ سياري جي ٿڌ ۾ اضافو ٿيندي گرم ڪپڙا ۽ چپلون تقسيم ڪيون ويون. ان موقعي تي سماجي اڳواڻ سيد احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽي ۾ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب پاران پبلڪ اسڪول ترڪش ڪالوني جو دورو

استاد ۽ سمورا اسٽيڪ هولڊر ٻارن جي تعليم جي واڌاري لاءِ سچي جذبي سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏين ۽ پيشه ورانه انداز ۾ ڪم ڪن : ريجنل ڊائريڪٽر محتسب

تعليم کاتي ۽ ايس اي ايف جا پارٽنر سمورن اجلاسن ۾ شرڪت ڪندا، اهو هڪ سنجيده معاملو آهي جو ته ٻارن جي تعليم ملڪ ۽ سماج جي ترقي لاءِ تمام ضروري آهي

ايجوڪيشن آفيسر سول سوسائٽي جي سهڪار سان ٻارن جي تعليم بابت متحرڪ ۽ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪميونٽي/ والدين سان اجلاس منعقد ڪن ٿا

ٺٽو(ڊ ر)صوبائي محتسب سنڌ جي هدايتن تحت ريجنل ڊائريڪٽر محتسب ٺٽو/سجاول ڊاڪٽر رياض احمد صديقي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ ٻين کاتن جي سهڪار سان ڊيسينٽ پبلڪ اسڪول ترڪش ڪالوني جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو. هن اسڪول جي لائبريري، ڪمپيوٽر ليب ۽ مختلف ڪلاس رومز جو معائنو ڪيو ۽ اسڪول جي احاطي ۾ موجود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران احتجاج

بار ايسوسيئيشن جي سالياني اليڪشن جو شيڊول احتجاج ڪرڻ کان بغير جاري ناهي ڪيو ويندو : مظاهرين

اليڪشن 2024 جو شيڊول جاري ڪري وڪيلن کي پنهنجو جمهوري ۽ قانوني حق ڏنو وڃي

لاڙڪاڻو(رپورٽر)لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران سالياني چونڊن جو شيڊول جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي بار جي ميمبرن وڪيلن ايڊووڪيٽ ظفر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٺٽو : سنڌڙو دريا شهيد طاهره علي شاهه جي 59هين جنم ڏينهن تي تقريب

زيرو پوائنٽ ڊنڊ بدين کي سگهارن هٿن ۽ وڏيرن کان آزاد ڪرايو : اڳواڻ

جيجي طاهره علي شاهه جي جنم ڏينهن جون مبارڪون پيش ڪريون ٿا

ٺٽو(رپورٽ : جاويد لطيف ميمڻ) ماهيگيرن جي سياسي سماجي ۽ معاشي حقن جي حاصلات لاءِ بهادرانه جدوجهد ڪندڙ نشر فوڪ فورم جي مرڪزي اڳواڻ شهيد سنڌڙو دريا شهيد طاهره علي شاهه جي 59هين جنم ڏينهن جي موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

خيرپور ضلعو صحافين لاءِ عذاب گهر بڻجي ويو

صحافي وحيد ڄامڙو گهر واپس ايندي رستي مان گم ٿي ويو

ٻه ڏينهن گذري ويا پر صحافي جو ڪوئي ڏس پتو نه ملي سگهيو

رانيپور(رپورٽر)خير پور ضلعو صحافين لاءِ عذاب گهر بڻجي ويو هنگورجا ۾ 22 صحافين تي ڪيس داخل ٿيڻ کان بعد ۾ صحافين سان ٻيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر ۾ سانگهڙ جي رهواسڻ پاران احتجاج، انصاف جي گهر

پيار پرڻي تان والد ولي محمد، ڀاءُ ۽ ٻيا اسان جا جاني دشمن بڻجي ويا آهن : جوڙو

عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن، تحفظ فراهم ڪيو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) سانگهڙ جي رهواسي ولي محمد خاصخيلي جي ڌيءُ مسمات ريما پنهنجي مڙس ظهير احمد سيلرو سان گڏ سکر پريس ڪلب پهچي صحافين کي ٻڌايو آهي ته هن گهر کان ڀڄائي پنهنجي مرضي سان ظهير احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو محمد خان ۾ ريٽرننگ ۽ اسسٽنٽ ريٽرننگ آفيسرن حلف کڻي ورتو

ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر ڊپٽي ڪمشنر ڌرمون ڀاوائي سمورن عملدارن کي حلف کڻايو

صاف شفاف ۽ غير جانبدارانه چونڊون ڪرائڻ اسان جي اولين فرضن ۾ شمار ٿئي ٿو : ڌرمون ڀاوائي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڌرمون ڀاوائي پاران عام چونڊن 2024 لاءِ مقرر ڪيل ريٽرننگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊو محمد خان : ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر حلف کڻائي رهيو آهي

ٺٽي پرسان چليا چاڙهي وٽ هٿيارٻند ڳوٺاڻي کان ڦر ڪري ويا

هٿيارن جي زور تي سراج بروهي کان موٽر سائيڪل، 2 عدد موبائيلون ۽ ڪيش رقم ڦر

ڌاڙيلن کي گرفتار ڪري ساڻس انصاف ڪري عوام کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي : متاثر

ٺٽو(ڊ ر)ٺٽي پرسان چليا چاڙهي وٽ 4 نامعلوم هٿيارٻند ڦورن هٿيارن جي زور تي سراج بروهي کان موٽر سائيڪل، 2 عدد موبائيلون ۽ هزارين رپيه ڪيش رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا، حد جي پوليس وٽ رپورٽ ڪرائڻ باوجود پوليس ڪا ڪارروائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي عهديدارن جي چونڊ

امن، پيار، محبت ۽ سلامتي سيني لاءِ سڄڻ سائين جو مشن آهي : اڳواڻ

پاڪستان جي ترقي، خوشحالي ۽ استحڪام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)جماعت اصلاح المسلمين ضلعي سکر 2024 جي چونڊ لاءِ اجلاس المرڪز انوار طاهريه سائيٽ ايريا سکر ۾ جماعت اصلاح المسلمين سنڌ صوبي جو صدر خليفي قاضي مشهود احمد، سينيئر نائب صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر : اجلاس بعد اڳواڻ نوٽيفڪيشن ڏئي رهيا آهن

ٺٽو : جماعت اصلاح المسلمين جو ساليانو اليڪشني اجلاس

مخدوم محمد اعظم، جوائنٽ سيڪريٽري وقاص احمد ۽ ٻين جي شرڪت

اجلاس ۾ يڪراءِ طور فيصلو ڪري ضلعي ٺٽي جي نئين باڊي جوڙي وئي

ٺٽو(ڊ ر) جماعت اصلاح المسلمين ضلعي ٺٽي جو ساليانو اليڪشني اجلاس حاجي احسان الحق گجر طاهري جي صدارت ۾ گهارو شهر جي جامع مسجد ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ جماعت اصلاح المسلمين جي صوبائي اڳواڻن جنرل سيڪريٽري مخدوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

گولاڙچي ۾ شاهاڻي برادري ۽ لغاري برادري ۾ جهيڙو، 2 ڄڻا مرٽينگ

لياقت شاهاڻي ۽ شاهنواز شاهاڻي رتورت ٿي پيا، کين حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

علاج ڪرائڻ بعد زخمين کي وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد اسپتال ريفر ڪيو ويو

گولاڙچي(رپورٽر) گولاڙچي جي بدين بائي پاس روڊ تي لغاري ڪيفي تي ماني ديرسان ملڻ تي شاهاڻي برادري ۽ لغاري برادري جي وچ ۾ جهيڙو جهيڙي فائرنگ نتيجي ۾ لياقت شاهاڻي ۽ شاهنواز شاهاڻي رتورت جن کي حيدرآباد ريفر ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سڳيون ۾ بزرگ حضرت دائود شاهه عرف دادلي سرڪار جو عرس جاري

ميلي دوران ميلي ۾ ملهه جي ملاکڙي لاءِ گرائونڊ تي ملهن جا وڏا مقابلا ٿيندا

ميلي ۾ چڙيا گهر، ميجڪ شو سميت ٻيا عوام جي ڏسڻ جو مرڪز رهيا

سڳيون(رپورٽر) سڳيون پرسان سنڌ جي صوفي بزرگ حضرت دائود شاهه عرف دادلي سرڪار جو ٽن ڏينهن وارو 78 هون عرس مبارڪ اڄ کان وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي ميلي ۾ صوفياڻي راڳ جون محفلون مچنديون جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سڳيون : ميلي دوران پهلوان ملهه وڙهي رهيا آهن

سکر ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

سول سوسائٽي، واپاري تنظيمن، سماجي، سياسي ۽ مذهبي اڳواڻن جي وفدن سميت سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن ۽ ٻين احتجاج ڪيو

128 ڏينهن گذري ويا آهن پر اسان جو احتجاج نه گهٽ ٿيو آهي ۽ نه ئي اسان جي ڪاوڙ گهٽ ٿي آهي : لالا اسد پٺاڻ ۽ ٻيا

غير اعلانيه سينسرشپ، ادارن تي پابنديون، قلم جي مزدورن جو معاشي قتل ۽ اظهار راءِ جي آزادي جو دٻاءُ بند ڪيو وڃي

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (سنڌ ايڪشن ڪميٽي) پاران سڄي ملڪ وانگر سکر ۾ به شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي عدم گرفتاري خلاف سکر پريس ڪلب ٻاهران سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

پاکستان فیڈرل یونین آف جرنلسٹس
ملزمان کو قانون کے کٹہرے میں لاؤ
سکر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽيءَ جي انتظاميه مسلسل استادن جي جائز مسئلن کان ڪن لاٽار پئي ڪري : ڀڏرائي

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي ٽيچرس ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو جي صدر ڊاڪٽر عبدالحفيظ ابڙو، سينيئر نائب صدر ڊاڪٽر شاهه جهان سيال، نائب صدر ڊاڪٽر صفيه مقصود، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر امداد حسين ڊرمڪي، جوائنٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر عبدالعزيز ڪوسو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نيو سعيدآباد ۾ اوٺا برادري ۽ پيرزاده برادري ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو

پيرولي الله شاهه راشدي، سيد اصغر شاهه شفيع محمد ميمڻ، حاجي عبدالوارث ميمڻ جي سرپرستي ۾ ٿي گذريو

هاڻي اڳتي فيصلي ڪانپوءِ اڳتي لا ڪنهن به ڌر اڳرائي ڪئي ته ڏنڊ وڌو ويندو : اڳواڻ

نيو سعيدآباد(رپورٽر) نيو سعيدآباد ۾ اوٺا برادري ۽ پيرزاده برادري جو پاڻ ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو، پيرولي الله شاهه راشدي، سيد اصغر شاهه،شفيع محمد ميمڻ،حاجي عبدالوارث ميمڻ جي سرپرستي ۾ ٿي گذريو، فيصلي ۾ ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌي ٻنهي ڌرين کي ڀاڪر پارايا ويا ۽ فيصلي ڪانپوءِ اڳتي لا ڪنهن به ڌر اڳرائي ڪئي ته ڏنڊ وڌو ويندو فيصلي ۾ سياسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دولتپور پرسان ڳوٺ فتح محمد پتو جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

منهنجي سالن منهنجي زرعي زمين تي قبضو ڪري منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي : محمد حنيف

پنهنجي زمين تي ويس ته انهن موئن مٿان قاتلاڻو حملو ڪري زمين تان واپس ڪري ڇڏيو

زرعي زمين جو قبضو ختم ڪرائي اسان کي انهن مان جان جو خطرو آهي انهن کان آسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دولتپور صفن(رپورٽر) دولتپور پرسان ڳوٺ فتح محمد پتوجي رهواسين محمد حنيف عرف ڪندو ولد بادل خان پتو ۽ محمد زمان پتو، نيشنل پريس ڪلب دولت پور پهچي پنهنجي سالن علي نواز پتو فتح محمد پتو اسماعيل ولد حاجي واحد ۽ ٻين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته منهنجي سالن منهنجي زرعي زمين تي قبضو ڪري منهنجو جيئڻ جنجال ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

DAULATPUR SAFFAN
دولتپور صفن : ڳوٺ محمد پتو جا رهواسي پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سکر ۾ اليڪشن لاءِ آر اوز جي ٻن ڏينهن واري ٽريننگ جو عمل مڪمل ٿي ويو

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي مقامي هوٽل ۾ اليڪشن لاءِ آر اوز جي ٻن ڏينهن واري ٽريننگ جو عمل مڪمل ٿي ويو آهي، اليڪشن ڪميشن ريجنل آفيس سکر طرفان سکر، خيرپور، گهوٽڪي ۽ نوشهروفيروز ضلعن جي آر اوز کي تربيت ڏني وئي، جنهن ۾ چارئي ضلعن جي 28 آر اوز ٽريننگ ۾ حصو ورتو، گهوٽڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز پرسان بااثرن زمين تي قبضو ڪري ڪٽڪ جي فصل جي پوکائي بند ڪرائي ڇڏي

سلطان مري، گل حسن مري، انور مري، ثناءالله مري ۽ ٻيا ملي ڀڳت ڪري 15 ايڪڙ زرعي زمين تي قبضو ڪيو آهي : انتظار حسين راجپوت

لکين روپيا نقصان ڏنو آهي ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ۽ چون پيا ته زرعي زمين تي ايندا ته توهان کي نقصان پهچائينداسين

معاملي جو نوٽيس وٺي قبضا گروپ کان 15 ايڪڙ زرعي زمين تان قبضو ختم ڪرائي تحفظ ڏياريو وڃي

نوشهروفيروز(ڊ ر) ديهه نٿرڏيٺا ۾ بااثر ماڻهن 15 ايڪڙ زرعي زمين تي قبضو ڪري ڪٽڪ جي فصل جي پوکائي بند ڪرائي ڇڏي آهي، اهڙو بيان ميڊيا کي ڏيندي انتظار حسين راجپوت ٻڌائيندي چيو ته ديهه نٿر ڏيٺا ۾ منهنجي والد اسلام الدين راجپوت جي نالي زرعي زمين آهي جيڪي مري برادري جي بااثر ماڻهن صيفل مري، مرتضيٰ مري، نبي بخش مري، سلطان مري، گل حسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڀڏعيدن: گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم

اسڪول ۾ بنيادي سهولتن بلڊنگ، چوديواري، واش روم، فرنيچر جي شديد کوٽ، اختيارين خاموش

سهولتن جي کوٽ جو نوٽيس وٺي ڪاليج کي بنيادي سهولتون ڏئي هن اسڪول کي مثالي اسڪول بڻايو وڃي : رهواسي

سماجي اڳواڻ ڊاڪٽر فدا حسين ڀريجو گورنمنٽ بوائز هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ 50 هزار روپيا شاگردن جي ڀلائي جي لاءِ فنڊ ڏنو

ڀڏعيدن(رپورٽر) ڀڏعيدن: گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم، خبر موجب ڀڏعيدن گورنمنٽ (بوائز) هائير سيڪنڊري اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم 1964 کان قائم هن اسڪول ۾ 1600 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڀڏعيدن : اسڪول جي دوري دوران اڳواڻن جو گروپ فوٽو

نيوسعيدآباد تعلقي جي صدر احمد علي دل حيدري جو ڀائٽيو لاڏاڻو ڪري ويو

نيوسعيدآباد(رپورٽر) انجمن غلامان التفسير النما نيوسعيدآباد تعلقي جي صدر احمد علي دل حيدري جو ڀائٽيو شهزاد علي دل حيدري جو نوجوان فرزند حاڪم علي دل جونيئر 23سالن جي ڄمار ۾ بيماري سان جهيڙيندي ڪراچي جي هڪ نجي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سندس ميت ڪراچي مان نيوسعيدآباد آندي ويئي ته پورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مٽياري ضلعي ۾ عام چونڊن 2024 جون سرگرميون شروع

ضلعي ۾ 4 لک 17 هزار 629 ووٽرجن ۾ 2 لک 21 هزار 177 مرد ۽ هڪ لک 96 هزار 452 عورتون شامل

تڪ اين اي 216 ۽ ٻن صوبائي تڪن پي ايس 56 ۽ پي ايس 57 تي پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندي پنهنجا نمائندا چونڊيندا

ضلعي اليڪشن آفيسر مسعود قريشي مطابق عام چونڊن دوران ڊيوٽي سرانجام ڏيڻ لاءِ 5 هزار سرڪاري ملازمن جي ڊيٽا بينڪ قائم

مٽياري (رپورٽر)مٽياري ضلعي ۾ عام چونڊن 2024 جون سرگرميون شروع، ضلعي ۾ 4 لک 17 هزار 629 ووٽرجن ۾ 2 لک 21 هزار 177 مرد ۽ هڪ لک 96 هزار 452 عورتون شامل آهن، هڪ قومي تڪ اين اي 216 ۽ ٻن صوبائي تڪن پي ايس 56 ۽ پي ايس 57 تي پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندي پنهنجا نمائندا چونڊيندا، ڊپٽي ڪمشنر/ڊسٽرڪٽ ريٽرننگ آفيسر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

لاڙڪاڻي ۾ ديني مدرسن جي مستقبل، مشڪلاتن، امڪانن ۽ حل بابت ورڪشاپ

ملڪ جا معاشي مسئلا پاڪستان جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهن جنهن سبب ملڪ جي معيشت تباهه ٿي چڪي آهي : اڳواڻ

خراب حڪمراني، بي ربط عدالتي نظام، فرسوده قانون، ٽئڪس جو پيچيده نظام ۽ شفافيت جو فقدان شامل آهن

مهانگائي تقريبن 75 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي، عام ماڻهن جي لاءِ برداشت جوڳو ناهي ته ٻئي طرف عوام ۾ بيچيني به وڌي وئي آهي

لاڙڪاڻو(رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام پاران ديني مدرسن جي مستقبل، مشڪلاتن، امڪانن ۽ حل بابت ورڪشاپ جامعه اسلاميه لاڙڪاڻو ۾ ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ خاص مهمان ڪراچي يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسر حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد اسحاق عالم، جامعه جي مهتمم مولانا ناصر محمود سومرو، نظام تعليمات مولانا ڊاڪٽر محمد علي فاروقي سميت جامعه اسلاميه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

فکری نشست
دینی مدارس کے فضلاء کرام کا مستقبل
امکانات اور حل
محمد اسحاق عالم
لاڙڪاڻو : ورڪشاپ کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

ڪبير پرسان ڊپٽي رينجر مير حسن شاهه جي فرزند تي حملو، معجزاتي طور محفوظ

نيوسعيدآباد(رپورٽر) ڪبير نيشنل هائي وي تي ڪبير اسٽاپ ويجهو ڪالهه شام جي وقت ٻيلي ڪاتي جي ڊپٽي رينجر مير حسن شاهه جي فرزند سيد علي محمد شاهه تي نامعلوم ماڻهن پاران قاتلاڻو حملو ڪيو ويو هو پاڻ معجزاتي طور محفوظ رهيو هو ۽ سندس ڪرولا ڪار جا شيشا ٽوڙيا ويا سيد علي محمد شاهه ڪبير اسٽاف تي موبائيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊو محمد خان ۾ پوليس جي وڏي ڪارروائي، 7 موٽر سائيڪلون برآمد

اهلڪارن ڪارروائي ڪندي موٽر سائيڪلون چوري ڪندڙ هڪ جوابدار عيدو قبول ٻڙدي کي گرفتار ڪري ورتو

2 جوابدار نظير ملاح ۽ رزاق ٻڙدي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، سماجي برائين کي روڪڻ لاءِ ڪارروائين جو سلسلو جاري

موٽر سائيڪل چورين ڪندڙ هڪ جوابدار عيدو قبول ٻڙدي کي گرفتار ڪيو ويو، 2 جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر) ٽنڊو محمد خان ۾ پوليس جي وڏي ڪارروائي، 7 موٽر سائيڪلون برآمد، هڪ جوابدار گرفتار، ٽنڊو محمد خان بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس اهلڪارن مليل اطلاع تي جٿنل موري وٽ ڪارروائي ڪندي موٽر سائيڪلون چوري ڪندڙ هڪ جوابدار عيدو قبول ٻڙدي کي گرفتار ڪري ورتو، جڏهن ته 2 جوابدار نظير ملاح ۽ رزاق ٻڙدي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 20 ڊسمبر 2023ع

۽ وري گئس بلن ۾ ڏاڙيوالي!

ڏاڙيل رڳو ڪچي ۾ ئي نه آهن، ڏاڙيل رڳو ڪيٽين ۾ ئي نه آهن. ڏاڙيل ته وفاقي گاديءَ واري شهر جي عاليشان آفيسن جي ڦرڻين ڪرسين تي به ويٺل نظر ايندا. ڪچي جي ڏاڙيلن وٽ جديد پرڏيهي هٿيار آهن ته گاديءَ واري شهر جي ڏاڙيوالن وٽ ريموٽ سان هلندڙ جديد تيز ۽ شاطر دماغ آهن. جيڪي ڏيساور مان مالياتي ادارن وٽان ڪنٽرول ٿين ٿا. اهو ريموٽ ڪنٽرول الادين جي ڏيئي وانگر آهي. جنهن کي مهٽڻ يا گسائڻ سان حڪم جا ٻانها حاضر ٿيو وڃن ۽ اهو چوڻ جي سعادت ماڻين ٿا ته "جيڪو حڪم منهنجا آقا" ۽ آقا جو ته اهو ئي حڪم هوندو آهي ته ماڻهن لاءِ زندگيءَ جا گس سوڙها ڪيا وڃن ۽ پوءِ اها ان ڏيئي جي غلام خلق. آقا جي ايجنڊا پوري ڪندي ڪندي پنهنجي ايجنڊا جو ڪجهه حصو به پورو ڪريو وٺي. "ڏاچي هٿي ڏهه ته توڏو هٿي تيرنهن". اڄان ڪالهه ڪالهوڻي ڳالهه آهي ته ڊسڪوز (بجلي جي ورهاست ڪندڙ ڪمپنيون) واهپيدارن کي واڌو ۽ ڳرا بل موڪلي اربين روپين جو ڌاڙو هنيو. جيڪا ڳالهه نيپرا جي جاچ ۾ پڻ ثابت ٿي چڪي آهي ۽ ماڻهن کان ورتل اها اضافي رقم ڪين واپس ڏيارڻ جو واعدو ته ڪيو ويو آهي پر ان جي اميد گهٽ ٿي نظر اچي. تازي واردات اها آهي ته گئس جي واهپيدارن کي نومبر واري مهيني جا گئس جا ڀيٽا بل موڪليا ويا آهن ۽ جن ۾ چٽوڻ تي ٽيڪس لڳايا ويا آهن. جنهن جو هڪ مثال، ميڊيا جي خبر موجب، 147 روپين جي گئس خرچ ڪندڙ واهپيدار جو بل آهي، جنهن جي بل ۾ 550 روپيا ٽيڪس جي مد ۾ لڳايا ويا آهن. گئس ميٽر جو ڪرايو 40 روپيا. جڏهن ته فڪسڊ چارجز طور 400 روپيا پڻ لڳايا ويا آهن. جنرل سيلز ٽيڪس ان کان علاوه آهي.

اسان آهيون ته خود مختيار ملڪ جا رهواسي پر اسان جي حڪمرانن عوام کي چوڪنيو ٻڌي آءِ ايم ايف جي پيرن ۾ اڇلائي ڇڏيو آهي. حڪمراني به انهيءَ مالياتي اداري جي فرمائشن جي چوڌاري گهمي ٿي، مرضي به ان جي هلي ٿي، بجيٽ به ان جي ئي فرمائشن تي جوڙي وڃي ٿي ۽ اسان جا حڪمران ته رڳو ٽالي ۾ نهال آهن. انهن عوام کي رليف ڏيڻ جي بدران اهڙي حال تي پهچائي ڇڏيو آهي جو غريبن لاءِ جسم ۽ روح جو رشتو برقرار رکڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي. اهو ڪهڙو انصاف آهي جو 187 روپين جي گئس استعمال ڪندڙن کان 550 روپيا ٽيڪس اوڳاڙيو وڃي! مطلب ته گئس جي قيمت کان ٽيڪس 300 سيڪڙي کان به وڌيڪ! عوام تي ٿيندڙ ظلم جو اهو ته هڪڙو مثال آهي، هونئن ته هر روز ستم جون نيون مشقون آزمايون وڃن ٿيون. جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ گهٽتائي وارو رجحان هوندو آهي، تڏهن به هن ملڪ ۾ تيل جا اگهه وڌايا وڃن ٿا پر جي تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي ته ان جو رليف عوام کي منتقل نٿو ڪيو وڃي. تيل جي قيمت گهٽجڻ جي باوجود به اگهه نٿا گهٽايا وڃن، ويتر انهن ۾ واڌ ٿيندي رهي ٿي. حڪومت آءِ ايم جي چوڻ تي هر ڪوٽ ۽ خسارو عوام مان پورو ڪري رهي آهي. جڏهن ته بهتر معاشي پاليسيون جوڙي ملڪي معيشت کي سنئين ڏگ لائڻ جي ڪا به ضرورت محسوس نٿي ڪئي وڃي. ظاهر آهي ته ملڪ کي ڪشڪول ۽ قرض جي معيشت تي هلايو ويندو ته اهي ئي نتيجا نڪرندا.

اسان جو الميو اهو آهي، جو اسان اهڙن ماڻهن (حڪمرانن) جي رحم ڪرم تي آهيون، جن جي لاءِ اهوئي چئي سگهجي ٿو ته، "ڏيٺي ڏنب ڏڏن، ڀاڻان ڏيل ڏڪرئيو". دنيا جي هر ملڪ ۾ اقتداري سياست ڪندڙ هر سياسي جماعت وٽ پنهنجي معاشي ماهرن جي ٽيم هوندي آهي پر اسان جو اڀاڳ اهو آهي ته هتي ڪو سئي ساک وارو معاشي ماهر نه آهي. جيڪي "مارڪيٽ" ۾ موجود آهن، تن مان اڪثريت انهن جي آهي. جن جي سڃاڻپ عالمي مالياتي ادارن جي گماشتن واري آهي. اهي ئي عالمي مالياتي ادارن جي مفادن لاءِ ڪم ڪن ٿا. باقي انهن کي عوام جو ڪهڙو لاچار!

بنگلاديش جو سياسي، معاشي ۽ ماحولياتي بحران

جاويد ڀٽي

جتي نئين سال ۾ "نئين بنگلاديش" واري نعري تي سياسي پارٽيون سرگرم عمل آهن ته اتي ئي انهن سياسي پارٽين جي چندا پت ۽ پرتشدد احتجاجن ملڪ جي معيشت کي ڪاپاري ڌڪ رسائڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. عوامي ليگ ۽ بنگلاديش نيشنلسٽ پارٽي جي سياسي جهيڙن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو پيو وڃي. مخالف ڌر عوامي راءِ پنهنجي حق ۾ ڪرڻ لاءِ پرتشدد احتجاج شروع ڪري ڇڏيا آهن. هزارين ماڻهو جيلن ۾ واڙيا ويا آهن. روز روز جي هڙتالن ۽ احتجاجن جي ڪري ملڪي معيشت تباهه ٿي وئي آهي. مٿان وري قدرتي ۽ موسمياتي آفتن ملڪ کي لوڏي وڌو آهي.

سياسي بحران بنگلاديش جي معيشت کي به وڏو ڌڪ رسايو آهي. جنهن سبب عام شهري سخت متاثر ٿيو آهي. جڏهن ته واپاري طبقي جون به رڙيون نڪري ويون آهن. هڪ ٽريول ايجنسي جي سربراهه راهول امين موجب: "روز روز جي پرتشدد احتجاجن جي ڪري بسون، رڪشا، ٽيڪسيون گهٽجي ويون آهن. جنهن سبب ڀاڙا وڌي ويا آهن ۽ ماڻهن سفر کي محدود ڪري ڇڏيو آهي. جنهن سبب اسان جي ڪاروبار کي ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي. اسان پهرين ئي مهانگائي ۽ عام شين جي وڌندڙ قيمتن سبب سخت پريشان آهيون ۽ هاڻ وري سياسي بحران بازار ۾ تباهي مچائي ڇڏي آهي" جڏهن ته ٻين ڪاروباري ماڻهن جو خيال آهي ته. اهي مخالف ڌر جي آزاد ۽ منصفاڻين چونڊن واري مطالبي کي سمجهن ٿا پر انهن جي اها روز روز جي ناڪابندي، هڙتالون، پرتشدد احتجاج جاري رهيا ته پوءِ پوري ملڪ جي معيشت تباهه ٿي ويندي.

وڌندڙ بحران ڏکڻ ايشيا جي معيشت لاءِ وڏا خطرا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. ڪورونا جتي پوري دنيا ۾ تباهي آندي. ان بعد دنيا مس پنهنجي پيرن تي بيهڻ شروع ڪيو ته مٿان انهن سياسي بحرانن ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي چيلهه ئي چڀي ڪري ڇڏي آهي. انهن ملڪن ۾ مٽا سٽا جي ناڻي جا ذخيرا نه هجڻ برابر آهن. غربت ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو پيو وڃي ۽ هر ملڪ هاڻ آئي ايم ايف کان مدد وٺڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ ۾ شروع ٿي ويو آهي. ائين ئي بنگلاديش جي حسينه حڪومت به هن ئي سال آءِ ايم ايف کان 4.7 بلين ڊالرن جو قرض وٺڻ تي مجبور ٿي. بنگلاديش جي مرڪزي بينڪ جي گورنر اعتراف ڪيو آهي ته. "ملڪي معيشت تباهه ٿي وئي آهي. هي دور اسان لاءِ انتهائي ڏکيو آهي. اسان ڪيئن گذارو پيا ڪريون. اها صرف اسان کي ئي خبر آهي. جولاءِ کان سيپٽمبر تائين جي ٽماهي ۾ بنگلاديش جو بيلنس آف پيمينٽ جو خسارو وڌي 2.8 بلين ڊالرز تائين پهچي ويو آهي. ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو وڌي 3.93 بلين ڊالرز تائين پهچي ويو آهي. غير ملڪي ڪرنسي جا ذخيرا 20.66 بلين ڊالرن جي گهٽ سطح تي پهچي ويا آهن. هاڻ اسان لاءِ ملڪ هلائڻ ئي مسئلو بڻجي ويو آهي." ايڪسپورٽ پروموشن بيورو موجب، ريڊي ميڊ گارمينٽس (آر ايم جي) انڊسٽري مان وڏي آمدني ايندي هئي. جيڪا گذريل مهيني 13.64 سيڪڙي مان گهٽجي 3.76 بلين ڊالر تائين اچي ڪري آهي. جيڪا گذريل 26 مهينن ۾ ڪڏهن به ايتري ناهي ڪِري.

هڪ تازي جائزي ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته موسمياتي بحران سبب بنگلاديش جي ساموندي علائقن ۾ وڏي پئماني تي تباهي ٿي آهي ۽ ان حوالي سان اڃان به ڪيترائي خطرا موجود آهن. ان تباهي سبب پوري ساموندي علائقن ۾ غربت سبب ننڍي عمر جي چوڪرين جي شادين ۾ 39 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. انساني حقن واري عالمي تنظيم انٽرنيشنل ريسڪيو ڪاميٽي (آئي آر سي) جاري ڪيل پنهنجي هڪ رپورٽ ۾ ٻڌايو آهي ته. موسمياتي بحران سبب آيل آفتن ساموندي علائقن ۾ وڏي تباهي آندي آهي. جنهن سبب غريب ماڻهن ٻين علائقن ڏانهن وڃڻ شروع ڪيو آهي. ان ڪري صنفي بنيادن تي تشدد ۾ اضافو ٿيو آهي. ماڻهن کي به ويلاماني ملڻ مشڪل ٿي وئي آهي ۽ ٻارن جي تعليم ته صفا تباهه ٿي وئي آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته ساموندي طوفان سبب گذريل ٻن ڏهاڪن کان ماڻهن پنهنجين ننڍين چوڪرين کي پئسن عيوض شادي جي نالي ۾ وڪرو ڪرڻ شروع ڪيو آهي. رپورٽ موجب 22 سيڪڙو ننڍين چوڪرين جون شاديون ڪرايون ويون آهن جڏهن ته چائلڊ ميرج ريسٽرينٽ ايڪٽ 2017 تحت ٻارن جي شادين تي مڪمل طور پابندي وڌل آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته ساموندي علائقن ۾ برسات جي بي قاعدي سلسلي سبب به غربت ۾ اضافو ٿيو آهي. ماڻهن کي ماني نه ٿي ملي. روزگار ناهي. ننڍي عمر جي ٻارڙين کي ڪم تي موڪليو ويندو آهي. انهن کي ڪٿي به تعليم جا ڪي موقعا ميسر ناهن. رپورٽ موجب. 86 سيڪڙو ٻارڙيون قدرتي آفتن سبب تعليم کان محروم آهن. بنگلاديش جي انهن ساموندي علائقن ۾ تعليمي نظام مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويو آهي. اهل استادن جي کوٽ آهي. ٽرانسپورٽ جو ڪو بندوبست ناهي. جڏهن ساموندي طوفان ايندا آهن ته جيڪي به اسڪول آهن. انهن کي متاثرن لاءِ ڪئمپن ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي. جنهن سبب انهن اسڪولن ۾ سالن تائين پڙهائي بند پيل هوندي آهي.

گڏيل قومن جي هڪ رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ڏکڻ ايشيا ۾ ننڍي عمر جي چوڪرين جون شاديون ٿينديون آهن. جڏهن ته عالمي تنظيم "سيو دي چلڊرين" جي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته 2050ع تائين اهڙين شادين جو تعداد چار ڪروڙ تائين وڌي ويندو جڏهن ته هڪ اندازي موجب. تقريبن 29 ڪروڙ 90 لک ننڍي عمر جون چوڪريون انهن ملڪن ۾ رهنديون آهن. جتي موسمياتي آفتن جو خطرو وڌيڪ هوندو آهي ۽ ان انگ ۾ 33 سيڪڙو اضافي جو امڪان به آهي. ڇو جو ڏکڻ ايشيا جون حڪومتون پنهنجي عوام جي مسئلن کي سنجيدگي سان ناهن ڏسنديون. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته آفريڪا جا ريگستاني علائقا، ڏکڻ ايشيائي ملڪ خاص طور تي بنگلاديش، چاڊ ۽ گني جهڙن ملڪن ۾ موسمياتي خطرا پهرين کان وڌي ويا آهن ۽ ايندڙ ڪجهه سالن ۾ انهن جي حالت انتهائي خراب ٿي ويندي. جڏهن ته بنگلاديش ۾ ساموندي ماحولياتي تباهي جا گهڻا امڪان آهن. بنگلاديش ساموندي طوفان ۽ ٻوڏن سبب پهرين ئي تباهين کي منهن ڏئي رهيو آهي. گلوبل ڪلائيميٽ رسڪ انڊيڪس جي هڪ رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته 2000ع کان 2019ع جي وچ تائين بنگلاديش موسمياتي تبديلين ۾ سڀ کان متاثر ملڪن جي لسٽ ۾ 7 نمبر تي رهيو آهي. جڏهن ته عالمي مالياتي فنڊ (آئي ايم ايف) جي 2019ع واري رپورٽ ۾ ٻڌايو آهي ته سمنڊ جي وڌندڙ سطح ۽ ساموندي علائقن جي تباهي سبب بنگلاديش 2050ع تائين پنهنجي زمين جو 17 سيڪڙو وڃائيندو ۽ ملڪ 30 سيڪڙي تائين خوراڪ واري شعبي ۾ بحران جي ور چڙهي ويندو ۽ ماڻهو بک مرڻ شروع ٿي ويندا. ملڪ خوراڪ جي پيداوار ۾ 30 سيڪڙو کوٽ جو شڪار ٿيندو

جتي سياسي ۽ معاشي بحران پنهنجي عروج تي آهي. اتي عام ماڻهن پنهنجي جياپي جي جاکوڙ ڪرڻ به شروع ڪري ڇڏي آهي. موسمياتي ۽ ماحولياتي بحران ۽ حڪومت پاران عوام جي مدد نه ڪرڻ سبب ماڻهن پنهنجا معاشي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پاڻ ئي ڪيترائي پراجيڪٽ به شروع ڪيا آهن. بنگلاديش ۾ پاڻي تي ترندڙ ٻيلا ۽ پوک ڪرڻ شروع ڪئي وئي آهي. هڪ هاري محمد مصطفيٰ موجب: "هلندڙ سال اسان تقريبن ساڍا چار هزار ٽڪا ڏئي تقريبن 1.2 ٽن وزني سنبل جا لڪڙا خريد ڪيا. جن مان اسان ترندڙ ٻيڙا تيار ڪيا، جن تي اسان مختلف فصل پوکيا آهن. اهي ٻيڙا ٻن مهينن ۾ ئي تيار ٿيندا آهن. اهي ٻيڙا تقريبن 6 ميٽر ڊگها ۽ هڪ ميٽر ويڪرا هوندا آهن پر ڪٿي ڪٿي انهن جي ڊيگهه تمام گهڻي وڏي هوندي آهي. هر فصل بعد انهن کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي. گذريل سال انهن لڪڙن جي قيمت گهٽ هئي پر هاڻ مهانگائي وڌي وئي آهي. ان ڪري انهن ترندڙ ٻيڙن جي لاڳت گهٽجي ۽ ان مان ٿيندڙ نفعو گهٽ ملندو آهي پر سال جي گهر جو خرچ نڪري ايندو آهي. حڪومت ان حوالي سان اسان جي ڪا مدد ناهي ڪندي". پر حڪومت جو چوڻ آهي ته انهن ترندڙ باغن ۽ فصلن جو انگ ڏينهون ڏينهن وڌندو ٿو وڃي هاڻ حڪومت انهن هارين جي مدد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جيئن اهي هاري پنهنجي فصل کي اڃان به بهتر ڪن جيئن قومي آمدني ۾ به اضافو ٿئي.

تو جنين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم'، اِيَ پَروڙِج بات؛
هَٿِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڄَڻُ پَرِ پرين جي.

مهانگائي، سياسي پارٽيون ۽ اينڊز اليڪشن!

قاسم خاصخيلي

ملڪ ۾ مهانگائي، پاڻ جي کوٽ ۽ بيروزگاريءَ سميت ٻين مسئلن جي حل لاءِ مسلسل ڌانهون ڪندڙ عوام جي دردن جو ڪير به درمان ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، ملڪ جي وڏين پارٽين جا سربراهه توڙي ٻيا اڳواڻ ڪڏهن جلسن ۾ ته ڪڏهن پريس ڪانفرنسن ۾ اينڊز اليڪشن ۾ ليول پليئنگ ڏيڻ جي ڳالهه ڪرڻ سميت رڳو هڪ ٻئي خلاف بيان بازي ۾ پورا آهن پر ملڪ جي عام ماڻهو جي تڪليفن تي ڪير به ڳالهائيندي نظر نٿو اچي، توڙي جو اينڊز چونڊن ۾ ووٽ ان ئي عام ماڻهو کان وٺڻ وارا آهن پر ڪٿي به جلسن توڙي ٻين هنڌن تي عام ماڻهو جي ڳالهه جڻ جي منشور ۾ ئي ناهي رهي، ها باقي ڪجهه ڏينهن اڳ پيپلز پارٽي پاڻ جي کوٽ خلاف رسمي احتجاج ڪري عام ماڻهو ۾ نالو ڳڻائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي پر اها ڪوشش به کيس عام ماڻهو کان ايتري همدردي ناهي ڏياري سگهي جيتري هوءَ حقدار هئي، ان جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا پر ملڪ ۾ اصل مسئلو مهانگائي جو آهي، مهانگائي جي وڌڻ، بيروزگاري ۽ ناانصافين سبب عام ماڻهو لڳاتار ذهني ڪرب جو شڪار نظر اچي ٿو

ملڪ ۾ نگران سرڪار جڏهن کان آئي آهي، تڏهن کان ان جي ڪجهه نه سمجهه ۾ ايندڙ فيصلن سان گڏ ڪجهه عوامي ڀلائي وارا فيصلا پڻ ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن، تن ۾ هڪ اهم فيصلو پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي وارو به نمايان نظر اچي ٿو اها ٻي ڳالهه آهي ته تيل جي عالمي ليول تي قيمتن جي گهٽتائي مطابق هتي قيمتون گهٽ ناهن ٿيون پر ايترو ضرور ٿيو آهي ته ملڪ جو عوام جيڪو گذريل دور حڪومت کان پوءِ وري نگران سرڪار پاران به تيل جي مسلسل وڌندڙ قيمتن سبب پريشان هو اهو ڪجهه سک جو ساهه کڻڻ جهڙو ته ٿيو آهي پر ڳالهه رڳو تيل جي قيمتن جي گهٽتائي جي ناهي پر ان گهٽ ٿيندڙ پيٽرول ۽ ڊيزل سميت ٻين پيٽروليم مصنوعاتن جي قيمتن کان علاوه عوام کي عام واهپي جي شين جي اگهن جي گهٽ ٿيڻ جو به وڏو انتظار آهي، جيڪو ريليف عوام کي نه پيو ملي، ان جا سبب ڇا آهن، اهو هڪ الڳ بحث آهي پر تازو ڪجهه ڏينهن اڳ سرڪاري طور جاري ٿيل انگ اکر به ان ڳالهه جو ثبوت آهن، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مهانگائي جي شرح 42 سيڪڙو کي به ڪراس ڪري وئي آهي، جيڪا تاريخ جي بلند ترين سطح ليکي پئي وڃي، ملڪ ۾ ان قدر وڌندڙ مهانگائيءَ تي ضابطو آڻڻ لاءِ گذريل حڪومتن جي ڪا خاص پلاننگ نظر نه آئي پر موجوده وفاقي توڙي سنڌ جي صوبائي نگران سرڪار به خبر ناهي ڪهڙي مصلحت تحت ملڪ مٿان عذاب وانگر حاوي ٿيندڙ مهانگائي جهڙي راڪاس کي روڪڻ لاءِ ڪي جوڳا اُپاءَ ناهن ورتا، جيڪا ملڪ جي مسڪين ۽ پورهيت طبقي لاءِ ڏاڍي ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي. نگران سرڪار پاران گذريل ڏيڍ مهيني کان ٻن مهينن ۾ پيٽرول جي اگهن ۾ وڏي گهٽتائي ڪئي وئي آهي ۽ عوام کي ريليف ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي وئي آهي پر ان جو ثمر عام ماڻهو کي ملڻ بجاءِ وڏن ڪارخانيدارن، واپارين، ٽرانسپورٽرن ۽ ٻين وڏن ڪاروبارن سان سلهاڙيل ڌرين کي پهتو آهي، جنهن جو مثال اهو به آهي ته جيڪو اٽو گذريل مهيني 125 کان 130 روپيا ڪلو ملي رهيو هو اهو هڪدم 10 کان 15 روپين تائين وڌي 135 کان 140 روپيا ڪلو وڪامڻ لڳو آهي. جڏهن ته کنڊ جو اگهه به 125 مان وڌي 135 روپيا ٿي ويو آهي. ان کان علاوه چانورن واري پتي پڻ لڳ ڀڳ ارڙهن سؤ روپيا ڪلو وڪرو ٿي رهي آهي، ان کان علاوه گيهه ۽ ڪاڏي پيتي سميت ٻين عام واهپي وارين شين جا اگهه گهٽ ٿيڻ بجاءِ روز بروز وڌي رهيا آهن. جيڪڏهن پيپلز پارٽي پاڻ جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيا به آهن ته انهن جو ڪو خاص ڪڙ تيل ناهي نڪري سگهيو اتي سوچڻ جي ڳالهه اها به آهي ته پيپلز پارٽي سنڌ ۾ لڳاتار پندرنهن سال حڪومت ڪرڻ سان گڏ پنج سال پهرين وفاق ۾ حڪومت ڪرڻ سان گڏ تازو ڏيڍ سال پي ڊي ايم جي پليٽ فارم تان گڏيل حڪومت جو حصو پڻ رهي آهي، ان ڪري پاڻ جي کوٽ سميت ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي جي سببن ۽ ان ۾ ملوث ڌرين جي ان کي چڱي ريت ڄاڻ هجڻ گهرجي، جيڪڏهن ملڪ جي عوام سان واقعي به سياسي پارٽيون سچيون آهن ته احتجاج ڪرڻ بجاءِ پنهنجي قانوني ماهرن جي ٽيم سان صلاحون ڪري ان وسيلي انهن ڌرين کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي بيهاري سوال ڪري ۽ عوام کي هڪ وڏو ريليف ڏياري سگهن ٿيون، پيپلز پارٽي کان علاوه نواز ليگ ۽ جي يو آئي سميت تقريبن ٻين سڀني پارٽين جي سياسي منشور کان في الحال عام ماڻهو جڻ غائب نظر اچي رهيو آهي، نتيجي ۾ عام ماڻهو بي رحم ڪارخانيدارن، واپارين ٽرانسپورٽرن ۽ ٻين وڏن واڳن جي وات ۾ ڦاٿل آهي، جيڪو مهانگائيءَ جي چڪيءَ ۾ مسلسل پيڙهجي رهيو آهي، پيٽرول، ڊيزل سميت ٻين پيٽروليم جي شين ۾ وڏي گهٽتائي اچڻ باوجود وڏن واپارين ۽ ٽرانسپورٽرن پاران مسڪين قوم کي بيدردي سان ڪٽيو پيو وڃي، قوم جو جڻ ته ملڪ ۾ ڪو به پرسان حال نظر نه پيو اچي. ٽرانسپورٽر جيڪي 5 روپيا تيل وڌڻ جي بهاني 50 روپين کان 200 روپين تائين ڪرايا وڌايو ڇڏين ۽ گورنمينٽ جي مقرر ڪيل ڪراين کي ٽپي سري عام ديده دليري سان ڪيئي ڀيڻا وڌيڪ ڪرايا اوڳاڙي عوام کي لٽي رهيا آهن، تن کان به ڪير پڇڻ وارو ئي ناهي ۽ نه ئي ذخيره اندوزن خلاف ڪا جوڳي ڪارروائي ڏسڻ ۾ ٿي اچي، جيڪي ملڪ ۾ هنڌرادو مهانگائي جا وڏا ذميوار پڻ ليکيا وڃن ٿا. ان ڪري مهانگائي جي ذميوار ڌرين خلاف هن وقت ملڪ ۾ قانون جي رٽ قائم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.

ملڪ ۾ عام ماڻهو کي مهانگائي کان ڇوٽڪارو ڏيڻ سميت مستقل پلاننگ سان بيروزگاري کي به قابو ڪرڻ لاءِ بهتر فيصلا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت ۾ شامل آهي، هن وقت جڏهن ته ملڪ ۾ عام چونڊن جي شيڊول جو به اعلان ٿي چڪو آهي ۽ هر سياسي پارٽي کي اليڪشن وسيلي ماڻهن ۾ وڃڻو آهي. ان وقت پاڪستان پيپلز پارٽي، مسلم ليگ نواز جمعيت علماءِ اسلام، جي ڊي اي سميت اڪثر پارٽين کي ملڪ مان مهانگائي ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ عوام کي پنهنجو ڪليل منشور ڏيڻ سان گڏ مرڪزي نگران سرڪار سميت چئني صوبائي نگران حڪومتن آڏو عوام جي اهجن تي ڳالهائڻ يا احتجاج ڪرڻ گهرجي ته جيئن مستقبل قريب ۾ وڏن واڳن تي ڪنٽرول ڪري مهانگائي جهڙي جن کي به قابو ڪري سگهجي ۽ ان جي چنگل ۾ ڦاٿل عوام کي ريليف ڏياري ڪوان جي چهرن تي مرڪون موٽائي ڏين ته جيئن سياسي پارٽيون ان سان اينڊز اليڪشن ۾ عوام جو پاڻ مٿان اعتماد به بحال ڪرائي سگهن.

بقايا ✻✻✻ **01**

تان فوري طور تي هٽائڻ جو حڪم ڏنو آهي. ٻڌڻي مڪمل ٿيڻ تي اليڪشن ڪميشن فيصلو ٻڌايو جنهن موجب احد چيمه گذريل ڪابينه جو حصو رهيو آهي جڏهن ته فواد حسن فواد جو معاملو 21 ڊسمبر تي ٻڌو ويندو ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن ڪيس ۾ نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ کي به نوٽيس جاري ڪري رکيو آهي. جڏهن ته نگران وزير فواد حسن فواد ۽ صلاحڪار احد چيمه کي به نوٽيس جاري ڪيا هئا. درخواستگذار جي وڪيل سيد عزيزالدين ڪاڪاخيل درخواست داخل ڪئي هئي.

بقايا ✻✻✻ **02**

سالن جي تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته چيو وڃي ٿو ته عدالت ۾ انصاف جي لاءِ اچبو آهي. پر اڄ تائين لاهور هاءِ ڪورٽ کي ڪرائيم سين جي طور تي ٽئي ڏنو ويندو آهي. هن لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ اسان جون 2 مظلوم متاثر نسلون انصاف گهرڻ جي لاءِ اينديون رهيون آهن. هن چيو ته جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سميت سمورن جج صاحبان جو ٿورائتو آهيان جو آصف زرداري جي 12 سال اڳ اماڻيل ريفرنس تي ٻڌڻي ٿي رهي آهي اميد آهي ته ايترا سال گذرڻ باوجود انصاف ملندو. هن چيو ته اهو اڳواڻ جيڪو مسلمانن جي دنيا جو ترجمان هو اهو به لاهور مان هو انهي سمجهيو ته جيڪو اوهان وٽ تيل آهي اهو نه صرف ڪمائي جو ذريعو آهي پر وڏي طاقت آهي. فلسطين ۾ اسان جي ڀيڻن ڀائرن سان ظلم ٿي رهيو آهي. تڏهن به ظلم ٿيندو هو پر ان وقت اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽو هو انهي فيصلو ڪيو هو ته جيستائين فلسطينين سان ظلم ٿيندو تيستائين اوهان کي تيل نه ڏينداسين. بلاول ڀٽو چيو ته اسان عدالتن مان اميد رکون ٿا ته ايترا سال گذرڻ کان پوءِ نه صرف قانون موجب غلطي کي صحيح ڪيو ويندو پر تاريخ کي به صحيح ڪيو ويندو ججز صاحب به پنهنجي ججز جي رت جا داغ ڌوئيندا. هن چيو ته پاڪستان ۾ هن وقت سياست ۾ پولورائزيشن هلي رهي آهي. ڪجهه دير اڳ جڏهن اوهان نعرا لڳائي رهيا هو ته پنيان کان پي ٽي آءِ جا نعرا لڳا. اسان سياست کي ذاتي دشمني بنائي ڇڏيو آهي ۽ ان ۾ عمران خان جو ڪردار اهم آهي پ پ چيئرمين چيو ته مان زبردستي جيئي ڀٽو جا نعرا نه لڳرائيندس بس اهو چاهيان ٿو ته اوهان اهو تسليم ڪريو ته مان به محب وطن پاڪستاني آهيان مان اوهان جي سياسي اڳواڻ سان اختلاف ڪري سگهان ٿو پر ان جي به مان عزت ڪندو آهيان.

بقايا ✻✻✻ **03**

پنهنجي اباڻي تڪ جهلم ۾ 13 لک 82 هزار آبادي تي قومي اسيمبلي جا 2 تڪ ٺاهي ڇڏيا، 13 لک آبادي جي شهر حافظ آباد ۾ قومي اسيمبلي جي هڪ سيٽ رکي وئي آهي. پاڪستان بار ڪائونسل چيو آهي ته راولپنڊي ۾ به سيٽن ۾ هيٺ مٿانهين نظر اچي رهي آهي. گوجرانوالا ۾ به آبادي جي ابتڙ قومي اسيمبلي جي اضافي سيٽ شامل ڪئي وئي آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر جو عمل چونڊن جي سالميت لاءِ سنگين شڪن کي جنم ڏئي ٿو چيف اليڪشن ڪمشنر جي اهڙي عمل سان اهڙو چونڊ ماحول جنم وٺي رهيو آهي جنهن ۾ شفافيت نظر نٿي اچي. پاڪستان بار ڪائونسل تڪ بندين تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته موجوده چيف اليڪشن ڪمشنر جي ڪرايل تڪ بندين، چونڊ طريقيڪار ۽ سيٽن جي ورهاست تي خدشا آهن بار ڪائونسل 8 فيبروري جون جونڊون شفاف طريقي سان ڪرائڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته عام چونڊون طئي ٿيل تاريخ ۽ شفاف طريقي سان ٿين سمورين سياسي پارٽين ۽ آزاد اميدوارن کي چونڊن ۾ ليول پليئنگ فيلڊ ڏني وڃي. اهڙين حالتن جي روشني ۾ اليڪشن ڪميشن اهڙن نازڪ معاملن تي اکيون بند نٿي ڪري سگهي. سپريم ڪورٽ ڪميشن اليڪشن ڪميشن جي هر مسئلي جي توثيق ڪرڻ جي بجاءِ انهن جي تضادن جو نوٽيس وٺي. بار ڪائونسل جو بنيادي مقصد صرف چونڊون نه پر آزاد منصفاڻيون ۽ شفاف چونڊون آهن پڌرائي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي هڪ جهڙا موقعا ڏيڻ گهرجن. بار ڪائونسل سپريم ڪورٽ بار جي مشاورت سان جلد آل پاڪستان ڪنوينشن گهرائيندي وڪيلن جي ڪنوينشن جو مقصد آزاداڻيون، منصفاڻيون ۽ شفاف عام چونڊون منعقد ڪرڻ يقيني بنائڻ آهي. بار ڪائونسل جمهوريت اصولن کي برقرار رکڻ جي لاءِ چونڊ عمل کي شفافيت کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا ✻✻✻ **04**

ڳالهائيندي انوارالحق ڪاڪڙ چيو ته پارٽين کي پنهنجي ووٽرن کي ڪجهه چوڻو آهي. لسبيلا ۾ جامشورو جي مقابلي ۾ اڻڄاتل ماڻهو اليڪشن کٽي ته وڏي ڳالهه هوندي. بلوچستان ۾ اليڪشن جي حوالي سان هر حلقي بابت اڳڪٿي ڪري سگهجي ٿي، هر حلقي ۾ ماڻهو آهن. انهن جو اثر آهي ۽ لڳي ٿو ته اهي ئي ماڻهو اڳتي ايندا. نگران وزيراعظم چيو ته هو اليڪشن جي حوالي سان معاملن کي اهميت نه ٿا ڏين ۽ نه ئي داغدار آهن. جيڪڏهن اسان اليڪشن نه ڪرائي ته داغ لڳندي. اليڪشن ڪرائينداسين ۽ اليڪشن ڪميشن اليڪشن ڪرائيندي. اهو هڪ مڪمل طور تي عام عمل آهي. چونڊون صاف ۽ شفاف ٿينديون. انشاالله سيڪيورٽي کي بهتر بڻايو ويندو. انوارالحق ڪاڪڙ وڌيڪ چيو ته سوئي گيس ۾ رڳو بلوچستان کي چوٽ ڏني وئي آهي. اسان چيو آهي ته بلوچستان ۾ سردي جي موسم ۾ عوام کي تنگ نه ڪيو وڃي. اسان وٽ نون منصوبن جو ڪو به مينڊيٽ ناهي هر ڪو اهي ڏينهن ڳڻي رهيو آهي جڏهن ڪاڪڙ هليو ويندو. توهان جو ۽ منهنجو تعلق عزت جو آهي، طعنو مناسب ناهي. نگران وزيراعظم چيو ته چونڊون ڪرائڻ آئيني تقاضا آهي. نتيجي جي باري ۾ ڪجهه به نٿو چئي سگهجي ته اسان ڪوشش ڪئي آهي ته ڪنهن به اسڪينڊل ۾ نه ڦاسون.

بقايا ✻✻✻ **05**

تڪ اين اي 82 سرگودا ضلعي ۾ آهي، سرگودا ضلعي ۾ ڪا به نئين سيٽ پيدا نه ڪئي وئي آهي. ترجمان موجب اليڪشن ڪميشن ڪنهن جي ذاتي خواهش تي ڪنهن به مخصوص شخصيت لاءِ اضافي سيٽ ٺاهڻ کان لاچاري ظاهر ڪري ٿي. اليڪشن ڪميشن ڪنهن جي به دٻاءِ يا بليڪ ميلنگ ۾ نه ايندي

بقايا ✻✻✻ **06**

عام چونڊن جي تاريخ اچڻ سان ملڪ ۾ ٿورو گهڻو استحڪام آيو آهي ڇا اوهان ملڪ ۾ استحڪام نٿا چاهيو؟ عام چونڊن جي تاريخ اچڻ ڪا معمولي ڳالهه نه آهي. جنهن تي درخواستگذار جي وڪيل قمر افضل چيو ته چونڊ تڪ بندي بابت غلط فيصلو ڪيو ويو جنهن تي جسٽس منصور علي شاهه چيو ته چونڊ پروگرام جاري ٿي چڪو آهي هاڻ ڪجهه نٿو ٿي سگهي. جيڪڏهن درخواستن تي فيصلو ڏينداسين ته چونڊ عمل متاثر ٿيندو جسٽس منصور درخواستگذار جي وڪيل کان پڇاڻو ڪيو ته اوهان چونڊون وقت تي نٿا چاهيو ته عدالت ۾ بيان ڏيو چونڊن کي ڪنهن به صورت ۾ ملتوي ٿيڻ نه ڏينداسين. جسٽس اطهر من الله چيو ته چونڊن ۾ ڪنهن به قسم جي دير نه ٿيڻ گهرجي نه ئي وري ڪنهن کي چونڊن ديرجو شڪار ڪرڻ جي اجازت ڏينداسين. چونڊ شيڊول جاري ٿيڻ کان پوءِ چونڊ تڪ بنديون تبديل نٿيون ٿي سگهن جنهن کان پوءِ عدالت تڪ بندين چيلينج ڪرڻ جي درخواست رد ڪري ڇڏي.

بقايا ✻✻✻ **07**

گڏيل دلچسپي جي معاملن خاص طور تي علائقائي سلامتي جي معاملن ۾ تعاون تي ڳالهيون ڪيون ويون. جنرل سيد عاصم منير ۽ ڪمانڊر جنرل مائيڪل ايرڪ ڪُريلا تربيت جي طريقن تي به ڳالهيون ڪيون. آءِ ايس پي آر موجب ملاقات ۾ سينٽ ڪام ۽ پاڪ فوج وچ ۾ تربيتي معاملن کي وڌائڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ويو. آرمي چيف دوري دوران سينٽ ڪام جي جوائنٽ آپريشن سينٽر جو به دورو ڪيو.

بقايا ✻✻✻ **08**

تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندي. صنم جاويد جي والد موجب صنم پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ مريم نواز جي مقابلي ۾ چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ لاڳاپيل دستاويز گڏ ڪري رهيا آهيون. والد چيو ته صنم جاويد جا نامزدگي ڪاغذ حاصل ڪندس هوءَ پي ٽي آءِ جي ٽڪيٽ تي چونڊون وڙهندي ۽ عورتن جي مخصوص سيٽ تي به نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندي.

بقايا ✻✻✻ **09**

ٿي تماشو ڏسي رهيا آهيون. لاهور ۾ پارٽي اڳواڻن کي خطاب ڪندي نواز شريف چيو ته اسان آئين پاڻ ٿا ٽوڙيون، پارليامينٽ ٽٽي ٿي ۽ وزيراعظم جيل وڃي ٿو ته ڇو چئون ٿا ته بلڪل ٺيڪ ٿيو آهي. نواز شريف چيو ته پاڪستان کي هاڻوڪين حالتن تائين اسان ئي پهچايو آهي، اسان جي خلاف اهو سڀ ڪجهه ڀارت، آمريڪا يا افغانستان نه ڪيو آهي. اڳوڻي وزيراعظم وڌيڪ چيو ته 2018 جي چونڊن ۾ انجنيئرنگ ڪئي وئي، سليڪٽڊ شخص کي 4 ووٽن جي برتري سان وزيراعظم بڻايو ويو

بقايا ✻✻✻ **10**

انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي هڪ آمريڪي ڊالر 20 پئسا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 283 روپين جو ٿي ويو جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو اگهه 25 پئسا گهٽجڻ سان 284 روپيا 25 پئسا آهي.

بقايا ✻✻✻ **11**

ڪورٽ جي ڪارروائي غيرقانوني ۽ انصاف جي گهرجن جي ابتڙ آهي. 12 ڊسمبر تي ٽرائيل ڪورٽ سائفر ڪيس جي خلاف اسان جي درخواست کي رد ڪيو. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته ٽرائيل ڪورٽ جج آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي ڪلم 13(2)(3) ۾ لفظ شڪايت ڪئي. صحيح طريقي سان تشريح نه ڪئي وئي. قانون ۾ لفظ(شڪايت) جي تشريح واضح آهي. قانون موجب شڪايت جو مطلب ڪنهن الزام جي مئجسٽريٽ جي آڏو زباني يا لکت ۾ استدعا آهي جڏهن ته پوليس آفيسر جي رپورٽ جو ذڪر نه آهي. ڪرمنل پروسيجر جي ڪلم 4(ايڇ) ۾ به لفظ شڪايت کي واضح ڪيو ويو آهي. درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ هڪ اسپيشل قانون آهي جيڪو عام قانون کان مختلف آهي. اسپيشل لا هجڻ جي ڪري آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تي لاڳو ڪندي قانوني طريقيڪار تي عمل ڪرڻ ضروري آهي. درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته پي ٽي آءِ باني جي خلاف ٻڌڻي هيٺ سائفر ڪيس ايف آءِ ۽ پوليس رپورٽ جي بنياد تي هلايو پيو وڃي. سائفر ڪيس ۾ هيٺئين ڪورٽ تائين جي ڪارروائي غيرقانوني قرار ڏئي عمران خان کي بري ڪيو وڃي.

بقايا ✻✻✻ **12**

ڪاڏي جي وقت گئس جي فراهمي ترجيح آهي. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي اوگرا ترجمان چيو ته غير معياري سلينڊر ۽ ايل پي جي ليڪيج حادثن جا سبب آهن. گئس سيفٽي تي گذريل سال کان مهم هلائي رهيا آهيون. گئس سلينڊر کي تمام احتياط سان استعمال ڪرڻ گهرجي هن چيو ته مارڪيٽ ۾ ملندڙ ننڍا سلينڊر غيرمعياري هوندا آهن. جتي غيرمعياري سلينڊر ملندا آهن. اسان انهي تي ڪارروائي ڪندا آهيون. اوگرا جي ويب سائيٽ تي سلينڊر مينوفيڪچررز جي فهرست موجود آهي، سلينڊر وٺندي ان جي مقرر وزن جو خيال رکو سنڌس جيڻ هو ته گئس پريشر پمپ جو استعمال غير قانوني آهي. گئس گهٽ آهي ۽ ڊيمانڊ وڌيڪ آهي، تنهن ڪري ڪاڏي جي وقت گئس جي فراهمي ترجيح آهي.

بقايا ✻✻✻ **13**

جن ۾ پرائمري کان ڏهين ڪلاس جا نوان ڪتاب نظر آيا. ڪباڙي جي دڪان تي ڪتاب پهچڻ کان پوءِ فوري طور تي ٽي او ڪولاڇي نياز ميمڻ کي اطلاع ڪيو ويو جنهن پهچي درسي ڪتاب پنهنجي تحويل ۾ ورتا ۽ ٽي او آفيس ڪولاڇي ڪٺائي وٺي. ڪباڙي جي دڪان مالڪ ميگهو مل صحافين کي ٻڌايو مون کي درسي ڪتابن بابت خبر ناهي باقي چنگچي رڪشا ۾ هڪ همراهه آيو هو جنهن مون کي چيو ته مون وٽ رسالا ۽ ڪتا آهن اهي وڪرو ڪرڻا آهن جڏهن چنگچي رڪشا تي رکيل ڪتا کوليا ته ان ۾ درسي نوان ڪتاب پيل هئا جيڪي مون خريد نه ڪيا ايتري ۾ توهان اچي ويا. جنهن کان پوءِ چنگچي رڪشا وارو ڪتاب ڇڏي ڀڄي ويو ان حوالي سان رابطو ڪرڻ تي ٽي او ڪولاڇي نياز ميمڻ ٻڌايو ته اسان استادن کي ڪتاب شاگردن کي ڏيڻ لاءِ ڏنا هئا. هي ڪتاب ڪٿان کان آيا آهن انهي لاءِ انڪوائري ڪرائي ويندي، ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ به سون جي تعداد ۾ درسي ڪتاب سر نالي ۾ اڇلايا ويا هئا جنهن جي جانچ به اڃان تائين هلندڙ آهي.

بقايا ✻✻✻ **14**

صحافين سان ڳالهيون ڪندي شاهد خاقان عباسي چيو ته 4 سالن کان ڪيس نيب ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. ان دوران هڪ به گواهه نه آيو ۽ ڪيس به نه هليو 4 سالن کان هڪ ميٽنگ اٽينڊ ڪرڻ لاءِ نيب جي عدالتن ۾ بيٺل آهيان. هن چيو ته ڇا اڄ جي نيب جي چيئرمين کي به خبر نه آهي ته ماڻهن جون زندگيون تباهه ٿي رهيون آهن؟ اڄ هن ملڪ ۾ جيڪو ظلم ٿي رهيو آهي ان جو حساب ڪير ڏيندو اڄ اسان جي ملڪ ۾ سپريم ڪورٽ رات جو دير سان کلندي آهي ۽ فيصلا ڪندي آهي. سپريم ڪورٽ کي انهن ماڻهن جو احساس جو نه آهي جن جا فيصلا سالن کان عدالتن ۾ ٻڌڻي هيٺ آهن؟ شاهد خاقان عباسي چيو ته 14 سال گهٽ وقت نه هوندو آهي تڏهن وڃي انصاف ملي ٿو 15 سالن کان پوءِ سڀ چون ٿا ته انصاف ملي ويو پر انهي بي انصافي جو جواب ڪير ڏيندو اڳوڻي وزيراعظم چيو ته وزيراعظم، چيف جسٽس ۽ اليڪشن ڪمشنر چئي رهيو آهي ته چونڊون ٿينديون جڏهن ته مان 100 سيڪڙو چوان ٿو ته مان چونڊن ۾ حصو نه وٺندس. شاهد خاقان وڌيڪ چيو ته جنهن ليول پليئنگ فيلڊ مان تحريڪ انصاف اقتدار ۾ آئي هئي اڄ به ساڳيون حالتون آهن هوڏانهن احتساب عدالت اسلام آباد ۾ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي جي خلاف ايل اين جي ريفرنس جي ٻڌڻي جج محمد بشير جي آڏو ٿي جنهن ۾ شاهد عباسي جو وڪيل پيش ٿيو ۽ استدعا ڪئي ته سپريم ڪورٽ ۾ انٽرا ڪورٽ اپيل لڳل آهي فيصلي ٿيڻ تائين ٻڌڻي ملتوي ڪئي وڃي. ايل اين جي ريفرنس ۾ اڳوڻي وزيراعظم شاهد خاقان عباسي سميت گڏيل طور تي 15 جوابدار شامل آهن عدالت گذريل ٻڌڻي تي غير حاضر جوابدارن کي ٻيهر طلبي جا نوٽيس جاري ڪيا هئا جنهن کان پوءِ شاهد خاقان عباسي عدالت پهچي ويو ۽ پنهنجي حاضري لڳرائي. احتساب عدالت ڪيس جي ايندڙ ٻڌڻي 13 فيبروري 2024 تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ✻✻✻ **15**

2022 جي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته مليرسٽي ٿاڻي ۽ نيوٽائون ٿاڻي ۾ داخل ڪيسن ۾ به ڪيس گرفتار ڪيو ويو آهي ڪراچي جي دهشتگردي توڙ عدالت ٽنهي ٿاڻن جي جاچ آفيسن کي جيل ۾ جاچ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي. ياد رهي ته حليم عادل شيخ جي 9 مئي جي ڪيسن ۾ ضمانت منظور ٿي چڪي آهي.

بقايا ✻✻✻ **16**

جو ڊپٽي گورنر به سڃاڻي سگهيو سليم مانڊوي والا جي صدارت هيٺ ڪميٽي اجلاس ۾ 5 هزار روپين جا جعلي نوٽ پيش ڪيا ويا. ڪميٽي چيئرمين اسٽيٽ بئنڪ جي ڊپٽي گورنر کي مخاطب ٿيندي چيو ته مون کي به جعلي نوٽ ملي سگهي ٿو ته عام ماڻهو جو ڇا ٿيندو؟ هن سوال ڪيو ته اٿاريو توهان ٻڌائي ته سگهو ٿا هي نوٽ اصلي آهي يا جعلي؟ جعلي ڪرنسي جو استعمال وڌي رهيو آهي. بئنڪن ذريعي جعلي نوٽ پڪڙجي رهيا آهن. جعلي نوٽ بئنڪن جي سسٽم ۾ موجود آهن. ان بابت هڪ پاليسي ناهيو ڪميٽي ميمبرن چيو ته ڊي جي ايف آءِ اي کي طلب ڪري بريفنگ ورتي وڃي. جنهن تي اسٽيٽ بئنڪ جي ڊپٽي گورنر ايندڙ اجلاس ۾ تفصيلي بريفنگ جي خاطري ڪرائي.

بقايا ✻✻✻ **17**

ٻن ڏينهن (ڇنڇر ۽ آچر) تي مڪمل پابندي ۽ بيوباقي ڏينهن تي گهٽ پريشر ڏيڻ شامل آهن. وڏي وزير لکيل خط ۾ وزيراعظم کي چيو آهي ته ان صورتحال سبب صوبي ۾ صنعتي ۽ ڪاروباري سرگرميون متاثر ٿي رهيون آهن ۽ صنعتي ۽ ڪاروباري برادري مطالبو ڪري رهي آهي ته فل پريشر سان گئس جي فراهمي ڪئي وڃي، تنهن هوندي لاڳاپيل اختيارين پاران ڪو به مثبت جواب نه مليو آهي. خط موجب آئين جي آرٽيڪل 158 ۾ واضح آهي ته گئس استعمال ڪرڻ جو پهريون حق سنڌ صوبي جو آهي، جتان اها پيدا ٿئي ٿي. سنڌ صوبو ملڪ جي ٽوٽل گئس جو 65 سيڪڙو پيدا ڪري ٿو آرٽيڪل 158 جي ڀڃڪڙي ڪندي 211 ايم ايم سي ايف ڊي گئس ايس ايس جي سي بدران ايس اين جي پي ڪي الاٽ ڪئي وئي. جيڪا هاڻي ايس ايس جي سي کي واپس ڏني وڃي. وڏي وزير چيو ته سنڌ کي ايل اين جي (درآمد ٿيل گئس) خريد ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي. جيڪا آئين جي ڀڃڪڙي آهي، چوته ڪو به صوبو پابند ناهي ته هو ٻين صوبن کي گئس فراهم ڪري جيستائين اضافي گئس نه هجي. جسٽس باقر وزيراعظم کان مطالبو ڪيو ته هفتي ۾ به ڏينهن (ڇنڇر ۽ آچر) سمورن صنعتي زونن جي گئس جي پابندي ختم ڪئي وڃي ۽ مڪمل پريشر سان گئس جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. قدرتي گئس جو آئيني حصو سنڌ کي ڏنو وڃي ته جيئن صنعتي ۽ ڪاروباري سرگرميون هلي سگهن.

بقايا ✻✻✻ **18**

جي آخري تائين اميدوار جي عمر 25 سالن کان گهٽ نه هجي. اليڪشن ڪميشن موجب قومي اسيمبلي جي سيٽ لاءِ اميدوار پاڪستان ۾ ڪنهن به جڳهه جو ووٽر هجي ۽ صوبائي اسيمبلي جي سيٽ لاءِ اميدوار لاڳاپيل صوبي جو اميدوار هجي جڏهن ته قومي اسيمبلي جي عورتن جي مخصوص سيٽن لاءِ اميدوار جو لاڳاپيل صوبي جو ووٽر هجڻ لازمي آهي. اليڪشن ڪميشن موجب اميدوار جي اهليت ۽ نااهليت جا تفصيل آئين جي آرٽيڪل 62 ۽ 63 ۾ لکيل آهن جنرل سيٽن جي اميدوارن جي تجويز ۽ تائيد ڪندڙ جو لاڳاپيل تڪ جو ووٽر هجڻ لازمي آهي جڏهن ته غير مسلم سيٽن جي اميدوار جو تجويز ۽ تائيد ڪندڙ پاڪستان جي ڪنهن به حصي جو ووٽر ٿي سگهي ٿو اليڪشن ڪميشن طرفان چيو ويو آهي ته چونڊ خرچن بابت هر اميدوار ڪنهن به شيڊول بينڪ ۾ خصوصي اڪائونٽ کولي جيڪڏهن اڪائونٽ اڳ ئي موجود آهي ته بينڪ اڪائونٽ جا تفصيل نامزدگي ڪاغذن ۾ لکي. نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ وقت بينڪ اسٽيٽمينٽ لڳائڻ لازمي هوندو جڏهن ته نامزدگي ڪاغذن سان گڏ حلفي بيان اميدوار اسٽامپ پيپر تي تصديق ڪرائي ڏيندو اليڪشن ڪميشن موجب اميدوار نامزدگي ڪاغذن سان گڏ پنهنجي گهرواري جي مڙس ۽ ڪفالت هيٺ ٻارن جي اثاثن جا تفصيل لکي. نامزدگي ڪاغذ اميدوار يا ان جي تجويز ۽ تائيد ڪندڙ طرفان لاڳاپيل شخص جمع ڪرائي سگهي ٿو اليڪشن ڪميشن موجب نامزدگي ڪاغذن ۾ جيڪڏهن ڪو به خانو اميدوار کان لاڳاپيل نه هجي ته ان تي اين اي لکيو وڃي. اميدوار پنهنجون تازيون تصويرون نامزدگي ڪاغذن تي مخصوص جڳهه تي لڳائيندو.

بقايا ✻✻✻ **19**

رڪارڊ تيزي ۽ پيٽروليم شين ۽ ڊالر جي قيمتن ۾ لاٿ کان پوءِ ڪاروباري برادري سال 2024 کي بهتر سال قرار ڏئي ڇڏيو آهي. 2023 جي دوران مهانگائي عروج تي رهي. بجلي ۽ گيس جون قيمتون وڌڻ سان پيداواري لاڳت ۾ وڏي واڌ ٿي. 22 سيڪڙو وياج جي شرح ڊالر جي قيمت 300 جي لڳ ڀڳ رهڻ کان علاوه ايل سيز نه کلڻ سبب ڪاروبار بدتر جو شڪار رهيو ڪاروباري طبقي جو چوڻ آهي ته سال جي مختلف حصن ۾ ان جي لاءِ ڪاروبار ڪرڻ مشڪل ٿي ويو جو رڪارڊ مهانگائي سبب شين جو وڪرو ٺپ ٿي ويو هن نگران حڪومت ۽ پاڪ فوج جي قدمن سان ڊالر جي اسمگلنگ رڪي ۽ پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽ ٿيون ته حالتون سازگار ٿيڻ شروع ٿي ويون اهڙين حالتن ۾ اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ به نوان رڪارڊ قائم ٿيڻ لڳا. لاهور چيمبر جي نائب صدر عدنان بٽ اهڙي صورتحال کي خوشي جوڳو قرار ڏيندي چيو آهي ته 2024 ۾ وڌيڪ بهتري جو امڪان آهي، صنعتڪارن ۽ واپارين چيو آهي ته 8 فيبروري جي عام چونڊن کان پوءِ ٺهندڙ نئين حڪومت ۾ به جيڪڏهن موجوده پاليسي جو تسلسل جاري رهيو ته يقينن معيشت استحڪام طرف گامزن رهندي.

بقايا ✻✻✻ **20**

عدالت ۾ داخل ڪيو. ذريعن ٻڌايو آهي ته نيب پراسيڪيوٽر سهيل عارف جاچ آفيسر سان گڏ توشه خانه ريفرنس داخل ڪيو ذريعن جو چوڻ آهي ته احتساب عدالت جي رجسٽرار آفيس نيب طرفان داخل ڪيل توشه خانه ريفرنس جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ياد رهي ته گذريل ڏينهن اسلام آباد جي احتساب عدالت پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳوڻي چيئرمين عمران خان جي توشه خانه ڪيس ۾ عبوري ضمانت رد ڪري ڇڏي هئي ضمانت رد ٿيڻ کان پوءِ نيب جيل ۾ ئي عمران خان جي گرفتاري ظاهر ڪري ڇڏي هئي.

بقايا ✻✻✻ **21**

گوهر علي خان ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بيٽ جو چونڊ نشان پي ٽي آءِ جي مقبوليت جو حصو آهي سندس چوڻ آهي ته خان صاحب جي پارٽي ڪا عام پارٽي ناهي، آئين موجب شفاف انٽرا پارٽي چونڊون ڪرايون ويون آهن بئريسٽر گوهر چيو ته عدليه آزاد آهي، پشاور هاءِ ڪورٽ سٺو ڪردار ادا ڪيو آهي. سندس چوڻ آهي ته اسان کي پشاور هاءِ ڪورٽ ۽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ تي ڀرپور ڀروسو آهي، اسان عدالت کي درخواست ڪئي آهي ته عدليه کان آر اوز کي هٽايو وڃي. پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر علي خان چيو آهي ته انٽرا پارٽي اليڪشن ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن جو جواب نه آيو آهي. عدالت جواب جي ڪاپي طلب ڪري ورتي آهي. اسان کي عدليه مان اميد آهي هن چيو ته 6 مهينن کان بيٽ جي چونڊ نشان لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن بيٽ جو نشان نه مليو ته هارس ٽريڊنگ شروع ٿي ويندي. بئريسٽر گوهر جو چوڻ هو ته 174 سياسي پارٽين مان سڀ کان وڌيڪ شفاف انٽرا پارٽي اليڪشن پي ٽي آءِ ڪرايا. پي ٽي آءِ جڏهن به ڪنهن فورم تي عدليه خلاف نه ڳالهايو هن چيو ته پشاور هاءِ ڪورٽ جو ڪردار انتهائي منصفاڻو رهيو آهي، عدليه مشڪل حالتن ۾ آئين ۽ قانون سان گڏ بيٺي آهي. پشاور ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چونڊون عدليه جي نگراني ۾ ڪرائڻ لاءِ درخواستون ڏنيون ويون آهن بئريسٽر گوهر علي خان وڌيڪ چيو ته اسان سمجهون ٿا ته انتظاميا ۽ ڊپٽي ڪمشنر غير جانبدار ناهن. سپريم ڪورٽ جو هر فيصلو منظور هوندو آهي، اسان جا ڪارڪن ۽ حامي انتهائي سرگرم آهن. چونڊن جو انتظار آهي پي ٽي آءِ چيئرمين اهو به چيو ته اليڪشن ڪميشن کي پنهنجي ذميواري ياد ڏياري وئي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ جلد چونڊن لاءِ ڪاغذ جمع ڪرائيندا.

بقايا ✻✻✻ **22**

ڪريون ٿا. نگران حڪومت کي ڪو به حق نه آهي ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي خلاف اپيل داخل ڪري، حامد خان چيو ته سپريم ڪورٽ جو ملٽري ڪورٽس خلاف ڏنل ڀرپور فيصلو بالڪل صحيح هو ان موقعي تي لاهور هاءِ ڪورٽ بار جي صدر اشتياق اي خان چيو ته مخصوص ذهن جا جج ۽ بهاري مرضي جا فيصلا وڙتا وڃن ٿا. 6 سينئر جج فوجداري عدالتن کي غلط چئي چڪا آهن ته هاڻ جونيئر جج انهي جي خلاف وڃي رهيا آهن. لاهور بار جي صدر رانا انتظار چيو ته عدليه اڳ ئي ناڪام ٿي چڪي آهي هاڻ ته حدون پار ڪيون پيون وڃن.

بقايا ✻✻✻ **23**

سمورين سياسي پارٽين جي بهتري جي آهي هن چيو ته ايندڙ وزيراعظم ملڪ جي بقا، جمهوريت ۽ عوام لاءِ ڪم ڪندو پوءِ ڪيس ڪير هٿ به نه لڳائي سگهندو. فاروق ايڇ نائيڪ جو چوڻ آهي ته هن وقت تائين رڳو پي ٽي آءِ جو ڪيس اليڪشن ڪميشن ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. باقي سمورين سياسي پارٽين پنهنجا اميدوار بيهاريا آهن پيپلزپارٽي جي وڪيل چيو ته هر ماڻهو کي ڪنهن به سياسي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جو قانوني، آئيني ۽ انفرادي حق حاصل آهي. ان جا ڪهڙا سبب آهن اهو خان صاحب کان پڇن. مان ڪجهه چوڻ نٿو چاهيان.

بقايا ✻✻✻ **24**

جاچ ڏکڻ ضلعي کان اولهه منتقل ڪري ڇڏي. درخواستگذار جي وڪيل، پبلڪ پراسيڪيوٽر ۽ ڊي آءِ جي انويسٽيگيشن جاچ ٻئي ضلعي منتقل ڪرڻ تي اتفاق ڪري ورتو عدالت انڪوائري منتقل ڪرڻ بعد درخواست اڪلائي ڇڏي. ڊي آءِ جي انويسٽيگيشن موجب ڪيس جو چالان جمع ڪرايو آهي، جوابدار جاچ آفيسر کي تبديل ڪرائڻ چاهي ٿو ته درخواست ڏي. جسٽس امجد سهتو چيو ته اسان توهان کي مشورو ڏيڻ لاءِ نه پر ڪيس جا تفصيل ٻڌائڻ لاءِ طلب ڪيو آهي، جيڪڏهن جوابدار کي جاچ تي تحفظات آهن ته شفاف ٽرائل لاءِ منتقل ڪرڻ سندس حق آهي. ڊي آءِ جي انويسٽيگيشن ڪراچي ڪيس جو عبوري چالان جمع ڪرائي ڇڏيو سرڪاري وڪيل جو چوڻ هو ته جيڪڏهن جوابدار ڊي ايس پي کي اولهه ۽ ڏکڻ ضلعن جي جاچ تي اعتراض آهي ته ڪيس اوڀر ضلعي منتقل ڪيو وڃي. درخواستگذار جي وڪيل موجب ڦر کان اڳ ايس ايس پي اولهه کي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايڇ او پيرآباد ٻڌايو هو ته ڦر ٿيڻ واري آهي. وڪيل چيو ته ايس ايڇ او پير آباد اهو آفيسر آهي جيڪو پاڻ انڪوائري ۾ ملوث آهي ۽ ڦرلٽ ۾ به ملوث آهي. جاچ آفيسر موجب ايس ايڇ او پيرآباد ايس ايس پي ڊفينس کي هڪ ڪروڙ پنج لک ۽ موبائل واپس ڪيا هئا.

بقايا ✻✻✻ **25**

دٻيل ماڻهن کي ڪڍڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن چين ۾ رات دير سان آيل زلزلي جي شدت 6.2 رڪارڊ ڪئي وئي، اختيارين موجب گانسو ۽ چنگهائي صوبن ۾ زلزلو آيو زلزلي جي گهرائي 35 ڪلوميٽر هئي ۽ ان جو مرڪز گانسو جي صوبائي گادي واري هنڌ لانزو کان 102 ڪلوميٽر ڏکڻ اولهه ۾ هو چيني ميڊيا گانسو ۾ 105 ۽ چنگهائي صوبي ۾ 11 موت جي خبر ڏني.

بقايا ✻✻✻ **26**

جا انٽرويو جاري آهن. اڄوڪي اجلاس ۾ فيصل آباد جي اميدوارن جون ٽڪيٽون فائنل ڪرڻ لاءِ نواز شريف جي صدارت هيٺ لاهور ۾ اجلاس ٿيو ن ليگ سان واسطو رکندڙ اڳوڻي ايم اين اي ميان محمد فاروق ۽ سندس پٽ معظم فاروق ۾ ٽڪيٽ تي ويڙهه ٿي پر نواز شريف پاڻ مداخلت ڪري ٻنهي ۾ ٺاهه ڪرائي ڇڏيو محمد فاروق جي هڪ پٽ قاسم فاروق اين اي 99 فيصل آباد 5 مان ٽڪيٽ لاءِ قيادت کي درخواست ڏني هئي، جڏهن ته ٻئي پٽ معظم فاروق به ان ئي تڪ مان پارٽي کان قومي اسيمبلي جي ٽڪيٽ گهري آهي ۽ ٻئي اڄ اجلاس ۾ شريڪ ٿيا هئا. نواز شريف معظم فاروق کي چيو ته پنهنجي پيءُ کان معذرت ڪيو ۽ ان جا پير پڪڙيو ۽ پنهنجي لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ آسانين جا طلبگار ٿيو معظم فاروق معذرت لاءِ پنهنجي والد وٽ ويو ۽ ڪانئس معافي گهري، جنهن تي ميان فاروق سندس معافي قبول ڪئي ۽ معظم جو منهن چميو

بقايا ✻✻✻ **27**

دنيا ۾ سڃاتپ بڻيل نصير سومرو جي ڪنهن سار نه لڌي آهي سنڌ جائي نصير سومري چيو آهي ته سندس طبيعت ڏکي وقت کان خراب آهي ۽ کيس اميد آهي ته سندس سار لڌي وڃي ته هو بچي سگهي ٿو هن سنڌ سرڪار کان گهر ڪئي آهي ته سرڪاري خرچ تي سندس علاج ڪرايو وڃي.

بقايا ✻✻✻ **28**

هو پاڪستان جي ڪنهن به سياسي پارٽي تي ڪو به موقف نه ٿو رکي، پر پاڪستاني عوام جي چونڊيل اڳواڻن سان ڳالهيون ڪري رهيو آهيان. هن چيو ته پاڪستاني آرمي چيف پرڏيهي کاتي ۽ پينٽاگون سميت ٻين آفيسرن سان ملاقات لاءِ واشنگٽن ۾ آهي. ميٿيو ملر وڌيڪ چيو ته پاڪستان آمريڪا جو اهم نان نيٽو اتحادي ۽ نيٽو پارٽنر آهي. علائقائي سلامتي ۽ دفاعي سهڪار تي پاڪستان سان ڀائيواري جو خواهشمند آهي.

بقايا ✻✻✻ **29**

۾ 4 رڪني جاچ ڪميٽي جوڙي وئي آهي، جيڪا فرنيچر جي خريداري جي جاچ ڪندي. دستاويز موجب سرڪاري اسڪولن لاءِ هڪ ارب 84 ڪروڙ 78 لک 54 هزار روپين جو فرنيچر خريد ڪيو ويو، تعليم کاتي اسڪولن لاءِ اهو فرنيچر مالي سال 2020 کان 2022 جي وچ ۾ خريد ڪيو سيڪنڊري اسڪولن لاءِ به 58 ڪروڙ 36 لک 76 هزار روپين جو فرنيچر خريد ڪيو ويو جڏهن ته پرائمري اسڪولن لاءِ اهو فرنيچر هڪ ارب 26 ڪروڙ 41 لک 78 هزار روپين ۾ خريد ڪيو ويو

بقايا ✻✻✻ **30**

پيپرڪپاڙ ڪڍڻ دوران ڌماڪي ۾ دڪان مالڪ امان الله پٺاڻ اجل جو شڪار ٿي ويو جڏهن ته پورهيت عبدالله سولنگي زخمي ٿي پيو گدو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي دڪان کي سيل ڪري ڇڏيو، ڌماڪو ڪيئن ٿيو ڌماڪو ڇا جو، ان بابت پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي

بقايا ✻✻✻ **31**

قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر ۽ اڳوڻي ايم اين اي مجاهد خان جي مختلف ڪيسن ۾ گرفتاري بابت داخل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، ٻڌڻي چيف جسٽس محمد ابراهيم خانخ ۽ جسٽس اشتياق ابراهيم ڪئي. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته ڪير به الزام هئي ان جي پرواهه ناهي، چو ته ڪنهن به سياسي جماعت سان ڪا دلچسپي ناهي. عدالت ريمارڪس ڏنا ته ڪنهن کي بچائڻ يا ڦاسائڻ لاءِ سوال نه پيا ڪيون پر سڀ ڪجهه رڳو آئين ۽ قانون جي پاسداري لاءِ ڪري رهيا آهيون ٻه رڪني بئنچ ايڊووڪيٽ جنرل کي چيو ته ڊي سي سان ڳالهائي آگاهه ڪيو ته هو اسد قيصر خلاف ٿري ايم پي او واپس وٺي، جيڪڏهن نٿو وٺي ته ڪارروائي ڪنداسين. عدالت حڪومت ۽ تحريڪ انصاف جي وڪيلن جا دليل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو

بقايا ✻✻✻ **32**

پنهنجي اباڻي تڪ جهلم ۾ 13 لک 82 هزار آبادي تي قومي اسيمبلي جا 2 تڪ ٺاهي ڇڏيا، 13 لک آبادي جي شهر حافظ آباد ۾ قومي اسيمبلي جي هڪ سيٽ رکي وئي آهي. پاڪستان بار ڪائونسل چيو آهي ته راولپنڊي ۾ به سيٽن ۾ هيٺ مٿانهين نظر اچي رهي آهي. گوجرانوالا ۾ به آبادي جي ابتڙ قومي اسيمبلي جي اضافي سيٽ شامل ڪئي وئي آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر جو عمل چونڊن جي سالميت لاءِ سنگين شڪن کي جنم ڏئي ٿو چيف اليڪشن ڪمشنر جي اهڙي عمل سان اهڙو چونڊ ماحول جنم وٺي رهيو آهي جنهن ۾ شفافيت نظر نٿي اچي. پاڪستان بار ڪائونسل تڪ بندين تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته موجوده چيف اليڪشن ڪمشنر جي ڪرايل تڪ بندين، چونڊ طريقيڪار ۽ سيٽن جي ورهاست تي خدشا آهن بار ڪائونسل 8 فيبروري جون چونڊون شفاف طريقي سان ڪرائڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته عام چونڊون طئي ٿيل تاريخ ۽ شفاف طريقي سان ٿين سمورين سياسي پارٽين ۽ آزاد اميدوارن کي چونڊن ۾ ليول پليئنگ فيلڊ ڏني وڃي. اهڙين حالتن جي روشني ۾ اليڪشن ڪميشن اهڙن نازڪ معاملن تي اکيون بند نٿي ڪري سگهي. سپريم ڪورٽ ڪميشن اليڪشن ڪميشن جي هر مسئلي جي توثيق ڪرڻ جي بجاءِ انهن جي تضادن جو نوٽيس وٺي. بار ڪائونسل جو بنيادي مقصد صرف چونڊون نه پر آزاد منصفاڻيون ۽ شفاف چونڊون آهن پڌرائي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي هڪ جهڙا موقعا ڏيڻ گهرجن. بار ڪائونسل سپريم ڪورٽ بار جي مشاورت سان جلد آل پاڪستان ڪنوينشن گهرائيندي وڪيلن جي ڪنوينشن جو مقصد آزاداڻيون، منصفاڻيون ۽ شفاف عام چونڊون منعقد ڪرڻ يقيني بنائڻ آهي. بار ڪائونسل جمهوريت اصولن کي برقرار رکڻ جي لاءِ چونڊ عمل کي شفافيت کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا سنڌيار 01

۽ ٻين پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽيءَ جي انتظاميه مسلسل استادن جي جائز مسئلن کان ڪن لاتار پئي ڪري. استاد ايسوسيئيشن پنهنجا جائز مطالبا لکت ۾ پڻ ڏئي چڪي آهي پر انتظاميه جائز مسئلا حل ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه آهي جنهن ۾ 12 سالن کان رڪيل استادن جا پروموشن، سليڪشن بورڊ جي منظوري ملڻ باوجود ان تي عمل ٿي نه سگهيو آهي. 6 مهينن کان ايڊهاڪ رليف 2023 الائونس رهيل آهي جنهن تي انتظاميه اهو جواب ڏئي پئي ته نگران حڪومت يونيورسٽي جا فنڊس جاري نه پئي ڪري، ٽيچرس ايسوسيئيشن نگران حڪومت کان پڻ اهو مطالبو ٿي ڪري ته يونيورسٽي ۾ اٽڪل 1500 کان مٿي ملازم تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته يونيورسٽي ۾ شاهاڻا خرچ پڻ جاري آهن. جائز مطالبن لاءِ استادن يونيورسٽي انتظاميه کي پنهنجا مطالبا لکت ۾ ڏئي چڪي آهي جن ۾ استادن کي آنوريم نه پيو ملي. ايسوسيئيشن يونيورسٽي جي فنڊ جي فارنزڪ آڊٽ جو مطالبو پڻ رکيو آهي. ٽيچرس ايسوسيئيشن طرفان پنهنجي جائز مطالبن لاءِ جلد اعليٰ سطحي اجلاس پڻ گهرايو ويندو جڏهن ته يونيورسٽي مان ڪجهه استادن پنهنجو مستقبل بچائڻ لاءِ يونيورسٽي کي خيرباد پڻ ڪري چڪا آهن. اسان انتظاميه کان هڪ دفعو وري مطالبو ٿا ڪريون ته جلد استادن جا جائز مسئلا حل ڪري ته جيئن يونيورسٽي پنهنجي اعليٰ گهرجون پوري ڪري سگهي. يونيورسٽي ملازمن کي فوتي، جي پي فنڊ، پينشن لاءِ پڻ ڪا واضع پاليسي نظر ڪونه اچي ۽ ويتر ملازمن جي پگهارن مان ناجائز ڪٽوتي پڻ جاري آهي جڏهن ته ڪافي استادن کي پڻ ايم فل الائونس جاري نه ڪيا پيا وڃن اڪثر ڪري استادن جي مسئلن جي حل لاءِ ڪاميٽيون نه ٺهيون آهن پر اڪثر ڪاميٽيون پنهنجا واعدا پوري نه ڪري سگهيون آهن.

بقايا سنڌيار 02

احتجاج ڪيو ويو جنهن ۾ شهر جي سول سوسائٽي، واپاري تنظيمن، سماجي، سياسي ۽ مذهبي اڳواڻن جي وفدن سميت سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جي وفد پڻ ڀرپور شرڪت ڪئي. احتجاج ۾ سکر، روهڙي، سانگهڙ، صالح پٽ، ڪنڊيارو ۽ پنو عاقل جي صحافين، سکر پريس ڪلب، سکر يونين آف جرنلسٽس، ڪورٽ رپورٽرز ايسوسي ايشن، سيفما جي صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سکر چيپٽر، ڪيمرامين فوٽو جرنلسٽ ايسوسيئيشن جي عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي. احتجاج ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي فنانس سيڪريٽري لالا اسد پٺاڻ چيو ته 128 ڏينهن گذري ويا آهن پر اسان جو احتجاج نه گهٽ ٿيو آهي ۽ نه ئي اسان جي ڪاوڙ گهٽ ٿي آهي. اسان شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري تائين خاموش تماشائي نه ٿينداسين ۽ هي احتجاج اهڙي ئي طرح جاري رهندو ۽ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سنڌ ايڪشن ڪميٽي پاران 23 ڊسمبر تي اعلانيل احتجاجي علامتي بک هڙتال سڄي سنڌ ۾ ڪئي ويندي. جڏهن ته 6 جنوري 2024 تي سکر پريس ڪلب ۾ صحافين جو وڏو ڪنوينشن پڻ منعقد ڪيو ويندو جنهن ۾ سڄي سنڌ مان صحافي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪندا. لالا اسد پٺاڻ چيو ته جيڪڏهن صحافي برادري اهڙي طرح متحد هجي ها جڏهن پاڪستان ۾ پهريون صحافي قتل ٿيو هو ۽ عوام به ان ئي طريقي سان ٻاهر نڪري آيو هجي ها ته شايد هن ملڪ ۾ ٻيهر ڪو قلمڪار قتل نه ٿئي ها. اسان ايستائين خاموش نه ويهنداسين جيستائين جان محمد شهيد جا قاتل عبرت جو نشان نه بڻجندا. هن وڌيڪ چيو ته اسان جو مطالبو آهي ته صحافين جو قتل عام بند ڪيو وڃي. غير اعلانيه سينسرشپ، ادارن تي پابنديون، قلم جي مزدورن جو معاشي قتل ۽ اظهار راءِ جي آزادي جو دٻاءُ بند ڪيو وڃي. ان موقعي تي سکر يونين آف جرنلسٽس جي صدر امداد بوزدار چيو ته 128 ڏينهن گذري ويا آهن پر شهيد جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهن. ۽ نه ئي وري سنڌ حڪومت پاران فوج ۽ رينجرز آپريشن جي نگراني هيٺ ڪچي ۾ آپريشن ڪرڻ جو واعدو پورو ڪيو ويو آهي ان موقعي تي سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن جي چيئرمين اقبال ڏيٿو چيو ته هن 22 ڊسمبر تي صحافين جي تحفظ واري ايڪٽ تحت انتظاميه کي طلب ڪيو آهي ته جيئن شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي عدم گرفتاري تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي ان جا سبب معلوم ڪجن. ان موقعي تي سکر سمال ٽريڊرز جي صدر حاجي هارون ميمڻ، سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباني، ايس يو جي جي جنرل سيڪريٽري سيد اختر رضوي، تاجر اڳواڻ حاجي صابر ڪپتان، انور وارثي، ظهير پٺاڻ، شبير ميمڻ، پرائيويٽ اسڪول ايسوسيئيشن جي چيئرمين بشير چنا، پريم يونين اڳواڻ رياض راجپوت، سني تحريڪ جي صوبائي اڳواڻ نور احمد قاسمي، پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ عزيز ابڙو، روبينا ڪياني ۽ ٻين خطاب ڪندي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي

بقايا سنڌيار 03

مڪليءَ ۾ نوري فائونڊيشن جي صدر ياسمين محمد علي شاهه ۽ سنڌ ڪلچرل فورم عورت ونگ جي نگران ثنا صادق لاڪو پنهنجي پنهنجي خاندان سان گڏجي سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو ان موقعي تي ياسمين محمد علي شاهه ،سنڌ ڪلچرل فورم جي چيئرمين صادق لاڪو ،ثنا صادق لاڪو ۽ معراج شاهه جيجي طاهر علي شاهه کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته جيجي طاهر علي شاهه سنڌ جي انتهائي ڏتڙيل طبقي (ماهيگيرن)جي عورتن جي درد کي پنهنجو درد سمجهي انهن کي جدوجهد جي لاءِ راضي ڪيو،پنهنجي معاشي توڙي سياسي سماجي حقن جي حاصلات لاءِ منجهن شعوري سگهه پيدا ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ سميت پوري دنيا ڏٺو ته سنڌ جي ماهيگير عورتن جبل جيڏن حوصلن سان ڪامياب جدوجهد ڪندي زيرو پوائنٽ ڍنڍ بدين کي سگهارن هٿان ۽ وڏيرن کان آزاد ڪرايو.ان کان علاوه سنڌ جي مٺن پاڻين سميت کارن پاڻين تي سنڌ جي جاگيردار وڏيرن سان جا قبضا ۽ ڏاڍ به انهن ماهيگير عورتن جدوجهد ڪري ختم ڪرايا.سنڌو دريا جي بحالي واري جدوجهد دوران سندس شهادت ڪانپوءِ سندس نه هجڻ جو احساس اڄ به شدت سان محسوس ٿي رهيو آهي .ڄ سندس 59 هين جنم ڏينهن جي موقعي تي ماهيگيرن خاص ڪري ماهيگير عورتن توڙي سنڌو دريا جي عاشقن کي جيجي طاهر علي شاهه جي جنم ڏينهن جون مبارڪون پيش ڪريون ٿا.

بقايا سنڌيار 04

الله سومرو، سليم الله عباسي، اعجاز احمد منگي، برڪت علي ابڙو، واجد علي گاد، اشفاق احمد شيخ، جميل احمد سانگي، محمد ياسين سامتيو ۽ ٻين چيو ته هر سال ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي ساليانا اليڪشن جو شيڊول احتجاج ڪرڻ کان بغير جاري ناهي ڪيو ويندو جنهن ڪري اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر وڪيل سراپا احتجاج بڻيل آهن پر هن وقت تائين اليڪشن جو شيڊول جاري ناهي ڪيو ويو اسين سنڌ بار ڪائونسل کان گهر ٿا ڪيون ته اليڪشن 2024 جو شيڊول جاري ڪري وڪيلن کي پنهنجو جمهوري ۽ قانوني حق ڏنو وڃي ته جيئن لاڙڪاڻي بار ۽ وڪيلن جا مسئلا حل ٿي سگهن.

بقايا سنڌيار 05

وڃي، جنهن خلاف ڪراچي ۾ سنڌي ڳوٺن ۽ سنڌي ماڻهن جي عملي قانوني توڙي سياسي مالڪي ڪندڙ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو مرڪزي صدر ممتاز بروهي ناليواري قانوندان ۽ وڪيل امان الله شيخ جي وڪالت نامي هيٺ ڪيس ۾ ڌر ٿي پيش ٿيو ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، جنهن تي سنڌ هائي ڪورٽ جنهن تي اڄ عدالت عاليا حڪم جاري ڪندي پٽيشنر جي وڪيل کي چيو ته ان طرز جي پٽيشن سپريم ڪورٽ ۾ سينيٽر فرحت الله بابر ۽ ٻين جي ٽائٽل سان داخل آهي. ان ڪري اوهان جي پٽيشن ٻڌڻ جوڳي ناهي. پٽيشن خارج ڪجي ٿي. صحافين سان ڳالهائيندي نيومرسٽ اڳواڻ ممتاز چيو ته جيت سنڌ جي ٿي آهي ڇوجو غير ملڪي افغاني سنڌ سميت ملڪ لاءِ به هاڃيڪار آهن ۽ اسين مطالبو ٿا ڪريون ته تمام غير ملڪي افغانين کي سنڌ مان ڪڍيو وڃي جيئن سنڌ سک جو ساهه کڻي سگهي.

بقايا سنڌيار 06

گرفتار ڪرڻ جي دعوي، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ ٻجر ٽالپور جي رهواسي 15 ورهين جي نينگر جنيد خاصخيلي کي گذريل ڏينهن بدفعلي بعد گهٽا ڏئي قتل ڪيو ويو هو جنهن تي ڊي آءِ جي حيدرآباد پاران واقعي جو نوٽيس وٺندي جوابدارن کي جلدي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو. نينگر جي قتل ۾ صرف هڪ جوابدار ئي ملوث هو جنهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ جوابدار ڏوهه جو اعتراف پڻ ڪيو آهي. ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته قتل ۾ ملوث جوابدار سان ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي، واقعي جي وڌيڪ جانچ ڪئي پئي وڃي، هن واقعي ۾ وڌيڪ ڪو به ملوث نڪتو ته هن خلاف به قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي ۽ قتل ٿي ويل نينگر جي وارثن کي انصاف فراهم ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 07

